



# پَنڌ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي

## شيخ اياز



ٻَڙَ جي ڇانوَ کان گھاٽي ٿي پيا نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي ۽ ٻيا نظم

(شاعري)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1988ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ ست**

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | جون 1988ع |
| ڪليگرافي ۽ اسڪيچ | فتاح هاليپوٽو |
| **قيمت** | 30/- رپيا |
| پڪي جلد سان | 50/- رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

BURR-JI-CHHAUN-A- AGEY KHAUN GHATEE AAEEN BIYA NAZAM.(Poetry)written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition June 1988. Price Per Copy Rs. 30/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پياري دوست
مرحوم رشيد ڀٽيءَ
جي نالي
شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| عنوان | | صفحا |
|---|---|---|
| مهاڳ | محمد ابراهيم جويو | [١٤-١+14-13] |
| ٻڙ جي ڇانو اڳي ڪان گهاٽي | | [١٣٩-١٧] |
| مان ڪنهن جهوني ٻڙ جڙن آهيان.... | | ١٧ |
| چنڊ سان چمڪي نياڻ.... | | ١٩ |
| تو ڏسي حيران ٿي/چنڊ دروازي مٿان ... | | ٢٠ |
| تون نه آئي آن اڃان،.... | | ٢١ |
| تو وڇ ۾ واهڙ وهي.... | | ٢٢ |
| مان آئين ئي آزمايل.... | | ٢٣ |
| ڇڻ ته ڪا آهين پڪار.... | | ٢٤ |
| ڇا چوان؟ پل پل وڇي ٿي/رات پر.... | | ٢٥ |
| ڇو وڏي آهين لڏي؟.... | | ٢٦ |
| ڇا تون سور نه اڇٽي آهين؟.... | | ٢٧ |
| منهنجي من ۾ جو رستو آ.... | | ٢٨ |
| آ سدا لوري لڳي.... | | ٢٩ |
| ڪاش! مان تو لئه مران!.... | | ٣٠ |
| جنهن مان تنهنجو واس اچي تو.... | | ٣١ |
| منهنجو منهن جهونو ٿي ويو آ.... | | ٣٢ |
| ڇا، هي ساڳي گهر جو در آ،.... | | ٣٣ |
| ڪنهن ڦهلايو رنگ شفق جو.... | | ٣٤ |
| زندگيءَ ۾ اعتبار/پيار تنهنجو آهه پيار.... | | ٣٥ |
| رات صراحي آهي، جنهن ۾.... | | ٣٦ |
| سنجها ڏاڍو ،جڻ ايندو آ.... | | ٣٧ |
| ڪونج وانگر ٿو ڦران مان ... | | ٣٨ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جڏهن مهمان ٿئي ٿو.... ٩٨
چاڙهي پوري ٿي، لاهيءَ ۾/ريل وڃي ٿي ٿو.... ١٠٠
سج لهي سانجهي ٿيو،.... ١٠١
پکي پره جا چڱون چڱون ڪن ٿا.... ١٠٢
شمعدان جئن/هرگهر آهي، ١٠٣
چورن وانگر/خوب خزانا.... ١٠٤
گذري رات ڏري ويا ٿيڙو.... ١٠٦
رات پر ڪائي پڪار ... ١٠٨

سِٽ سِٽ ۾ پشڪن.... ١١١
سنگ مرمر صورتون/ٿي جڏهن پيدا ڪري،.... ١١٢
قرطبه ۾ ٿا لڙن،.... ١١٣
آءُ وڪرم آهيان/آءُ ڪاليداس پي—.... ١١٥
ڪاليداس اڄين ۾/پوڄي پيو مورتي—.. ١١٦
ياد اچي ٿي ڪا تصوير ... ١١٧
’فيض‘، ’حڪمت‘ ۽ ’نرودا‘.... ١١٩
پاڇاون تي روشنيون ڇڻ.... ١٢١
هيءَ سنجها جي جوت هئين ۾.... ١٢٢
جي نه هيلن آ نه هومر آهه .... ١٢٣
شوپنهار ڇيو آ،.... ١٢٤
نيٺ ايندين، نيٺ ايندين!.... ١٢٥
دارا سان نه نپائي سرمد.... ١٢٧
نيٺ نه ايندو/نيٺ نه ايندو.... ١٢٨

نثر ـ سڃا [١٣٣—١٣٩]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| وڻجارا ! واپارَ؟ | ١٤١ |
| ماڻ ۽ تنھنجي سارَ.... | ١٤٢ |
| چنڊ پيو ناريَ ۾ وھنجي.... | ١٤٣ |
| منھنجي عمر ابابيلن جئن.... | ١٤٤ |
| ھيءَ شيءِ جا روپوش ٿي/ اُڀري ٿي.... | ١٤٥ |
| اڄڪلھ ڪيڏا گيت اچن ٿا.... | ١٤٦ |
| ھو چون ٿا/تون اسان جي سوچ آھين.... | ١٤٧ |
| مَتِ موکي ڪول سارا.... | ١٤٨ |
| ڪونہ پڇندس/ڪونہ پڇندس.... | ١٤٩ |
| آءٌ نٿو ورجائڻ چاھيان.... | ١٥٠ |
| تنھنجو تبسّم جنھن جي فقط آ/چاڻ آئيني ڪي.... | ١٥٢ |
| تون اَمرتا آنھہ منھنجي | ١٥٣ |
| اڄ بہ ڪيئي ناريون منھنجي/راھہ تڪينديون ھونديون.... | ١٥٤ |
| ڏات جو ڪوئي ڏڪار/ڪونہ پوندو.... | ١٥٥ |
| سال ملہي ٿيا، پر اڄ ڏاڻين.... | ١٥٦ |
| روءِ تنھنجي جو گلاب.... | ١٥٧ |
| واھوندا ورندا.... | ١٥٨ |
| جن جون لوڻون لالُ.... | ١٥٩ |
| ايڏا ڏکَ نہ ڏي.... | ١٦٠ |
| تون جي مون کي ڪونہ مڃيندين.... | ١٦١ |

چاهيون ته پڙهندي پڙهندي، ڪو عنوان ڏيئي سگهون ٿا، ۽ اُن جو روح، اُن جو اصل نقطو، اِئين پاڻ تي واضح ڪري سگهون ٿا. اُن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ لاءِ ته هڪ نظر ۾ چئي سگهجي ٿو ته ڪو هڪ لفظ به اُن جو اهڙو نه آهي، جو ڪنهن عام پڙهندڙ لاءِ به اوپرو يا اوکو هجي— ۽ اِها به، جيئن اياز جي اڪثر شاعريءَ جي تيئن خاص، هن نظم جي به پنهنجي نوع جي هڪ وڏي خوبي آهي، ۽ اُن جي اصل مطلب کي سمجهڻ ۾ پڙهندڙ لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي.

هيءَ ٽن بندن جو هڪ مختصر مگر گهٽيل ۽ هر طرح مڪمل نظم آهي. اُن جي پهرئين بند ۾، ’تون‘ جي اشاري سان انسان جي ڪنهن ويجهي کان ويجهي تعلق جي، ڪنهن خاص سَنبنڌ جي، ڳالهه ڪيل آهي، جنهن سان شاعر مخاطب آهي — ’تون‘، رابيل جي اُن ٻوٽي جيان، جيڪو چانڊوڪين راتين ۾ ڦُڙيو بيٺو هجي، جنهن جا سفيد گُلَ، پريل اُن چانڊوڪيءَ ۾ به، نُورَ جيئن ٻهڪندا هجن؛ ’تون‘، فضائن ۾ خوشبوئن پريل واءُ جو اُهو جهوٽو جيڪو لڳندو آهي ۽ گذري ويندو آهي، پر ڪڏهن -نه- وسرندڙ ۽ سدا محسوس ٿيندڙ تازگي ۽ سُرهاڻ پوئتي ڇڏي ويندو آهي!

’هئينءَ‘ ماضيءَ جو صيغو، ۽ گل (جي ڇڻي وڃڻ ٿا) ۽ واءَ جو جهوٽو (جو گذري ويندو آهي)، ٽن سان اُن ’تون‘ جي مشابهت اُن جي محدود ۽ بي‌ثبات هجڻ ڏانهن اشارو ڪندڙ آهن.

نظم جي ٻئي بند ۾، ’مان‘ جي اشاري سان، انسان جو پنهنجيءَ اُن ’تون‘ سان جيڪو ويجهي ۾ ويجهو، آتوت واسطو آهي، تنهن جي ڳالهه ڪيل آهي: مثلاً، ’تون‘ جي وجود سان ’مان‘ جو وجود اِئين ٻڌل ۽ هڪ ٿيل آهي جيئن ’ڪيرڙ تي مٽي بيٺل گڏ‘ جو هيٺ وهندڙ نئين گاج سان‘، يا ’رڻ ۾ پاڻي ڏسي اُن ڏانهن ڊوڙندڙ هرڻ جو‘.

نظم جي ٽئين بند کي سمجهڻ جي ڪوشش کان اڳ اِن ’مان‘ ۽ ’تون‘ جي سڃاڻپ لازم آهي. ’مان‘ ته ظاهر آهي ته شاعر پاڻ لاءِ، ۽ پنهنجي ذات جي رعايت سان، ’عام انساني فرد‘ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم آڻي ٿو. تہ اُن ’مانُ‘، يعني فرد انسانيءَ، جو اُهو خاص سپنو، ’تونُ‘، ڇا آهي، جنهن کان سواءِ ’مانُ‘ مان ٿي ناهيان؟ — ’تونُ‘ اُها جيڪا ’مون‘ لاءِ نُور بہ آهي، سونهن ۽ سرهاڻ بہ آهي، جيڪا ’مون‘ کي، فرد انسانيءَ کي، پنهنجي سڪ ۽ ڇڪ ۾ جيئرو بہ رکي ٿي، ڇڏي بہ وڃي ٿي، ۽ جنهن ڪارڻ انسان پاڻُ بہ گهوري ڇڏين ٿا! ڪي اُن کي پنهنجو محبوب يا ڪوئي ٻيو مقصود يا ڪوئي ’ماڳ‘ يا منزل چئي سگهن ٿا: پر شاعر جي نظر ۾ اُها ’تونُ‘ ۽ اُن جو ’ماڳ‘ هڪ شيءِ نہ پر ٻہ جدا شيون آهن — ”’تونُ‘ جيڪا منهنجي ’سڪي‘ آهين، منهنجو ساهہ آهين، جنهن جي ماڻ سان مان سمجهان ٿو تہ مون کي سارو ’جڳ‘ ملي ويو، باقي مون کي ڇا کپي؟“ پر اُن جي منزل، اُن جو ’ماڳ‘ وري بہ هو اُن کان الڳ، پري ڪٿي، ٿو ڏسي، ۽ اُن ’ماڳ‘ تائين پهچڻ بلڪ اُن ڏانهن وڃڻ جي رڳو واٽ يا ’دڳ‘ ئي هن کي ملي ٿو تہ هو سمجهي ٿو تہ سڀڪجهہ هن کي ملي ويو، ۽ ٻيو ڪجهہ هن کي سچ پچ بہ تہ ڪونہ ٿي کپندو! —

تون مليئہ مون کي تہ سارو جڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سڪي!
ماڳ ڏيو آ پري، جي دڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سڪي!

تہ اِها ’تونُ‘، اِها ’سڪي‘ — شاعر جي، تنهنجي، منهنجي، ۽ هر فرد انسانيءَ جي — ڇا آهي! اُن لاءِ شاعر جو چوڻ آهي، ۽ اِئين ئي ظاهر بہ آهي، تہ اُها خود ڪيس ۽ هر فرد انسانيءَ کي ملي ٿي وڃي ٿي — مليل آهي — ۽ ڪُلّي طور بي بدل، اَملهہ، ۽ فقط هڪ ئي هوندي بہ ’ماڳ‘ جي ڇڪ کان سواءِ اِڪارت ۽ فضول گذري ٿي وڃي! شاعر جي اُها ’سڪي‘، فرد انسانيءَ جو اُهو ساهہ سنئون سپنو، چانڊنيءَ جو چٽڪو ۽ بي ثبات، — ’ماڳ‘ ۽ ’دڳ‘ جي حوالي سان خصوصاً — ڌرتيءَ تي خود انساني زندگي ئي تہ آهي! تہ پوءِ زندگيءَ جو اُهو ’ماڳ‘ ڪهڙو؟ ۽ اُن ماڳ ڏانهن نيندڙ ’دڳ‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو؟ اِهي به سوال آهن، جيڪي شاعر، سچي هن نظم ڪي استعارو بنائيندي، اُن ۾ پڙهندڙن لاءِ سوالن طور ڏسي ڇڏيا آهن، ته اُنهن جا جواب هو، زندگيءَ جي فلسفي ۽ فڪر جي پنهنجي حاصلات مان، پاڻ ئي وڏيڪ ڳولين ۽ لهن.

هاڻي اسين هن نظم جـو هڪڙو ٽُڙ نالو به تجويز ڪري سگهون ٿا ــ مثلاً "زندگي ۽ اُن جـو ماڳ"، "جيوت ۽ اُن جو آدرش"، "جيوت جو ڏڪ"، "زندگيءَ جي راه" وغيره.

شاعر، مفڪر، ڪو پيغام رکندڙ، جڏهن اِئين زندگيءَ جي 'منزل' ۽ 'راه' بابت پنهنجي ڳالهه دوران پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ يا شاعريءَ سان اِن قسم جا نِدائي سوال ڪندا آهن، ته سندن ئي اُن خطاب ۾ اُنهن جا جواب به ضرور موجود هوندا آهن. مون اياز جي شعري مجموعي "راج ڳهاٽ تي چنڊ" جو مهاڳ لکندي، اُن ۾ خاص سندس اهي جواب ئي ڏسڻ گهريا ٿي، ۽ عزيز پڙهندڙن جي ڌيان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪيتري قدر آءٌ پنهنجي اُن مضمون ۾ اِئين ڪري سگهيو هوس، اُن جو فيصلو ظاهر هو ته هنن ڪي پنهنجي لاءِ پاڻ ڪرڻو هو. بهرحال چوڻ مون اِهوئي ٿي گهريو ته اياز پنهنجي ذري گهٽ سڄيءَ شاعريءَ ۾، ۽ اُن مجموعي ۾ بـه خصوصي طور، پنهنجن ماڻهن لاءِ اِهي ئي انساني زندگيءَ جي اهميت جا، اُن جي سڪارج ۽ آڪارج هجڻ جا، سوال ڇيڙيا هئا ۽ اُنهن جا ئي جواب سندن سوچ ۽ عمل لاءِ سندن آڏو رکڻ گهريا هئا.

هوندئن ته زندگي سڀ زندگي آهي ــ حيواني توڙي انساني ــ پر پوءِ به فرق ٻنهي ۾ ڏاڍو وڏو آهي. ۽ اُن فرق جـي ظاهر ٿيندي ٿيندي، ۽ وڌندي وڌندي، لکن، ڪروڙن سالن جون وڇوٽيون وڏي ويون ۽ وچ ۾ احساسن، جذبن ۽ خيالن جي ڪائناتن جا ناقابل عبور مفاصلا پئجي ويا. اُنهن مان مکيه ۽ آت نرالا امتياز چار سڃاتا ويـا آهن: عقل (Reason)، آزادي (Freedom)، پيار (Love) ۽ ڪهل (Compassion). انساني زندگيءَ جـي اِنهن چئن امتيازي سڃاڻپن مان پهريون به انفرادي نوعيت جون ۽ آخري ٻـه اجتماعي نوعيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪجھہ آھا ڪري ٿـي، جا ڪجھہ آھا ٿئي ٿي؛ رڳو 'انساني' سڄڻ سان آن ڪـي انساني (يا فوق الانساني) پـر لڳي ڪونہ ٿـا وڃن- جيئن 'ديني' تبليغ ڪار ۽ 'معرفت' جا دعويدار انسان کي 'اشرف المخلوقات' جي تلهي پـڻي ڏيئي، ۽ آن کان ٿـي متي 'الله' تائين نيئي، ماڻهوءَ جـو متو ڦـي ڦيري ڇڏيندا آهن. پنهنجي پاڻ يا پنهنجي ڪنهن محدود گروهہ ۾ ٿي گم هجڻ سان انساني زندگي بنهہ حيواني يـا آن کان ٿـوريءَ ٿي مٿيريءَ ڪنهن سطح تائين پهتل شمار جي سگهي ٿي. انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن واڌ جي هـن انساني زندگيءَ جي تهذيبي سفر جي منزل، بهرحال، قومي اجتماعيت کان اڳيان هن روشني پاتل ويهين صديءَ جي خاتمي تائين بہ، اڳتي ڪانہ سُري سگهي آهـي. پنڊت جواهرلال نهروءَ جي اِن سلسلي ۾ چيل هيءَ ڳالهہ اڄ بہ تاريخي اهميت جـي حامل آهي تہ "جديد زندگيءَ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان اهم شرط قوميت آهي."
(Nationalism is the very condition of modern existence)

بين الاقواميت، عالمگيريت، آفاقيت اهـڙان خيالن جـي سطح تائين واقعي وڏا آدرش تہ آهن (۽ سچ تہ رڳو اڄ نہ پر گهٽي وقت کان آهن)، پر انهن لاءِ انساني زندگي پنهنجا گهربل نظام، دستور، ادارا اڃان قائم ڪري نہ سگهي آهي، بلڪ پوريءَ طرح سوچي بہ نہ سگهي آهي- جيئن معروف ۽ جائز قومي سطح تائين پنهنجي اجتماعي چڱائـيءَ (Collective Good) لاءِ آن جمهوريت، قانون جـي بالادستي، سماجي انصاف، ۽ فلاحي. يا اشتراڪي نظام تجويز ڪيا آهن ۽ پڻ عمل ۾ آندا آهن.

اياز ۽ اياز جا دوست اِن سلسلي ۾، ڌرتيءَ جي پنهنجي هن وڏي ۽ وشال خطي کي، جنهن کي تاريخ اڄ 'هند- پاڪ' يا 'ڏکڻ ايشيا' چوي ٿي، ۽ جيڪو تاريخ وٽ، آن جي مختلف دورن ۾، ڀارت ورش، اِنڊوس (Indos)، هند، هندوستان ۽ انڊيا (India) سڏيو ويو، خـاص طـرح پنهنجي سنڌي قومي سڃاڻپ جي حوالي سان، هڪ قوم جو نہ پر

’قومن‘ جو گهر‘ سمجهن ٿا. انساني زندگيءَ جهڙي مهربان ماءُ هن ڌرتيءَ تي، نڊي ڪنڊ هندستان جهڙا ڪيئي پيا ٻه ’قومن جا گهر‘ موجود ٿيا آهن، مثلاً يورپ جو ڪنڊ سڄو ۽ عظيم ايشيا ۾ خاص طرح روس ۽ چين ۽ مغربي ايشيا، وغيره — يعني، ڌرتيءَ جا آهي خاص وسيع ۽ عريض خطا جتي مخصوص تاريخي حالات ۾ عظيم مذهبي تحريڪون به اڀريون، پکڙيون، ۽ ماند پئجي ويون: جيئن اسرائيلي مذهبي تحريڪون، مسيحيت ۽ اسلام سميت؛ آريائي مذهبي تحريڪون (برهمنيت، ٻڌ مت ۽ جين ڌرم)؛ ايران ۾ زردشت، ۽ چين ۾ ڪنفيوشس جون تحريڪون، وغيره. هنن سڀني تحريڪن پاڻ سان گڏوگڏ يا پويان پنهنجيءَ جاءِ تي، پنهنجي پنهنجي خطي ۾ يا جتي به آهي پکڙيون اُتي لازماً ملوڪيتي نظامن کي جنم ڏنو. مذهبي تحريڪن، پين ڳالهين سان گڏ، پنهنجي ”قدس حق“ جي زبانن ذريعي — جن سان ڪي ته اڄ عام استعمال مان ئي نڪري ويون آهن — برابر پنهنجيءَ پنهنجيءَ برادريءَ کي هڪ طرح جي محدود اجتماعيت ڏني، ۽ پوءِ جي اُڀريل ملوڪيتي نظامن پڻ اُنهن خطن ۾ پري پري تائين پانت پانت جي ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي حڪومتي دٻاءَ ۽ پين حيلن وسيلي هڪ طرح جي مرڪزيت هيٺ رکيو — جيئن برصغير ۾ مهاراجا وڪرماجيت، مهاراجا اشوڪ، شهنشاهه اڪبر، ۽ تازي دور ۾ انگريز شهنشاهت. پر قديم دورن کان آنهن خطن جي الڳ الڳ علائقن ۽ ايراضين کي پنهنجي تصرف ۾ رکندي، پنهنجي پنهنجي خاص ٻولين ۽ رسمن رواجن ۽ طور طريقن سان رهندڙ پانت پانت جا آهي ماڻهو، اُنهن مذهبي ۽ ملوڪيتي نظامن کان به اڳ، توڙي اُنهن جي هلندي، ۽ اُنهن جي ماند پئجي وڃڻ کان پوءِ به، وڌندا ۽ مستحڪم ٿيندا رهيا — تان جو، ٿيندي ٿيندي، اُنهن وسيع ۽ عريض خطن ۾ آهي ماڻهو علائقيت (Territoriality) ۽ ٻوليءَ (Language) جي بنيادي سڃاڻپ هيٺ، پنهنجي پنهنجي قومي حيثيت اختيار ڪري ويا. برصغير جي وڏي ۽ وشال خطي ۾، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي به اها حيثيت هئي — هزارها سالن جي لاڳيتي

چڙهه تہ ڪا آهين پڱڪارَ
جيءَ منهنجي جي جيارَ!
تي سدا مون ۾ رهين.

نانءُ تنهنجو تي جڀي جا،
ڪا تہ تَنَ ۾ آهہ تارَ!....
وچّ ۾ درياهہ آهي،
۽ ڪپرَ ڪهڏا آپارَ!....
مون اِئين ٿي آرزوءَ ۾
آ ڪٽي ساري چمارَ....
نندڊ تـوڙي جاڳ ۾ هان
آءٌ تنهنجي لاءِ پيارَ!
تي سدا مون ۾ رهين!
تي سدا مون ۾ رهين!
(ص ٢٤)

اڄ تون مان ٻن شعلن وانگر
هڪٻئي منجهہ سمايا آهيون؛
ڪيڏو دور پرائيءَ ڌرتيءَ
تي هيئن ويڇهو آيا آهيون!
دل تہ چوي ٿي سارا ويڇا
ٻاڪر پائي رکّ ڪريون ها،
سانگ سياست جا آهن جي
تن کي ڪاٽا ککّ ڪريون ها!

ڪيڏي اڄّ اسان ۾ آ، پر
چاهيون ٿا تہ بہ ڪونہ ملون ٿا!!
چا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي؟
چونہ ملونَ ٿا؟ چونہ ملون ٿا؟.

سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مونکي آيـــا آهن،
هن دنيا ۾ ڪيئن نہ پنهنجا
هڪبئي لاءِ پراوا آهن!.... (ص ٨٣)

تون چائين تو؟ مان
ڳچيءَ تائين رتُ سان...
پريل پيالي جان!

تو بن نيرن ني،
ڳوڙها منهنجا شمع جان
منهنجي بيرن تي.

پنهنجي پيار جيان
پوپٽڙو، رت-پنکيو
تنهنجي سارَ جيان! (تہ-ستا: ص ص ١٣٤-١٣٥)

چا ڪانئي ڪنهن وقت رڙو رڙ
هين ڌرتيءَ کـي چرڪائيندي؟
يـا هـيءَ سانت وَسيهرَ وانگر
ويندي هـر شيءِ ڳرڪائيندي؟

آءٌ ڪنڌيءَ تـــي ويٺو سوچان
چا ڪوئي، طوفانُ نـــہ ايندو؟
جيڪو بيٺـي پـــار ملائـــي،
چا، اهـــڙو انسانُ- نـــہ ايندو؟ (ص ص ٤٤-٤٥)

اياز جي شعر جـو هيءُ چوڏهون، ۽ گذريل پنجن سالن ۾ شايع ٿيندڙ اٺون مجموعو آهي، جو هاڻي لائق پڙهندڙن جي آڏو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪٽوبر ١٩٨٧ع ۾، ”راڄ گهاٽ تي چنڊ“ جي اشاعت ٿيڻ کان پوءِ، مون پڌايو هو ته هيءُ سندن مجموعو، ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳيئي کان گهاٽي“، اُن سال جي آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو رچيل، وٽن تيار هو، جو ”عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو“. افسوس، جو اِن جي اشاعت ۾ ايتري تاخير ٿي ويئي، ۽ اُن لاءِ گهڻي ڀاڱي آءٌ ذميوار آهيان. ڇپائيءَ لاءِ بلڪل تيار ٿيل مسودو مون وٽ ٽڏهن کان پهتل هو، پر ڪن اڻٽر مصروفيتن سبب ـــ اياز جي بار بار پارتن ڪندي به ـــ فوري اُن ڏانهن توجهه ڏيئي نه سگهيس. خاص طرح اُن جي مهاڳ لکڻ ۾ مون کي گهڻي دير ٿيندي ويئي، جنهن جا به ڪي پنهنجي نوع جا سبب هئا. بهرحال، اُن سڀ جو هڪ فائدو به ٿيو، جو منهنجي صلاح تي، اياز مجموعي کي نئين سر ترتيب ڏني، ۽ هينئر اُهو جيئن حصن ۾ ورهايل ڏسبو ـــ ۽ اهو اُن جي نالي مان ئي پڌرو آهي ـــ سو اُن ترتيب جو نتيجو آهي. اِن مان شاعر جي هڪ راءِ جو پتو ته پڙهندڙن کي ضرور پوندو ته مجموعي جو پهريون حصو (”ٻڙ جي ڇانوَ اڳيئي کان گهاٽي“: ص ١٧. کان ص ١٢٩ تائين) شاعر طرفان، وڏيڪ هڪ ڳانڍاپيل شعري پيشڪش طور، پڙهڻ ۽ اُن جي تاثر ماڻڻ لاءِ، ڪين اڇجي رهيو آهي.

اياز جي هن شعري مجموعي کي ڇهن خاڪن سان نقشايو به ويو آهي. هوندين ته سڄي مجموعي جو هر نظم پنهنجيءَ جاءِ تي ۽ پنهنجي ڀاڱ ۾ پورو نظر ايندو، ۽ ان جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻئي ڪنهن نظم ڏانهن وڃڻ جي ضرورت محسوس ڪانه ٿيندي؛ پر خاص اُن جي پهرئين حصي ۾ چار (۽ ٻئي حصي ۾ ٻه) معنيٰ دار خاڪا ڏيئي، اُن سڄي حصي ۾، ۽ ان جي ڀاڱن ۾ به اندروني طور، هڪ طرح جي ڳانڍاپي جي صورت جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي. هر خاڪي جي پٺيان ان ڀاڱي جي ڪنهن نظم جو هڪ، ٻه يا وڌيڪ بند ڏنا ويا آهن: ان نظم ۽ ان تي مداريل خاڪي ۾ مهربان پڙهندڙ ان ڀاڱي جي خاص ڳالهه ۽ تاثر موجود ڏسي سگهن ٿا. مثلاً ٻئي ڀاڱي (ص ص ٥١-٨٢) لاءِ پيش ٿيل خاڪو صفحي ٥١ جي نظم

ڏـڙ ڌان ناريون ايندڙيون آهن
پنهنجن پيارن لاءِ سجائي—
نيٺ ته تنهنجو مـَن پانئيندا.

چانڊوڪين راتين ۾ مارُو
مون کي ڏـَربـَـڙ ۾ ڳائيندا،
بسنت رُت ۾ منهنجون وايون
گُلي گُليءَ ۾ ڦهلائيندا.

وڃُ ورَاڪا جيئن ڪانئي ڏي
اِڏن مان تنهنجا ٽهڪ ٿيا آهيان،
رُت ۾ جئن رابيل ڦڙن ٿا
ٿئن ڌرتيءَ جي مهڪ ٿيا آهيان—


۽ هيءَ ڌرتي نيٺ ته مهڪي
ٽيندي ڪو گُلزار سياڻي،
آءُ لکان ٿو
جنهن لئه هاڻي.

———

حيدرآباد سنڌ
٢١ مئي، ١٩٨٨ع

— محمد ابراهيم جويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”عمر ساري ٽي رهيو هان
آءُ تنهنجي انتظار ....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪنهن جهوني ٻڙ جئن آهيان
منهنجي ڇانوَ اڳي ڪاڻ گهري؛
سڄُ سُنهري ٿي ويو آهي
گذري ويئي آهه ته- پهري.

هيئان پاڙي سونَ وَرن آ
سڄ اُنهيءَ ۾ لهرائي ٿو،
ڇولي ڇولي جئن ڇُلڪي ٿي
ڪجهه ته نديءَ سان ڳالهائي ٿو.

هي سارو سنسار سدائين
گيت آڌورو ڪو ڳائي ٿو،
ڪئن چئجي ڪيڏانهن وڃي ٿو
اِن جو انت نه ڪو پائي ٿو!

منهنجا ٻول به اِن ۾ آهن
هي جو گيت نه ڪَٽُو اُهي،
هي جو ساڀيا وانگر سپنو
مان ڀانيان ٿو تَٽُو ناهي!

پاڙيءَ جي لهرن ۾ ڳاڻي
آءٌ ستارن ۾ ڳايان ٿو،
مان جو مُور نه مرڻو آهيان
پنهنجو پاڻُ پيو پايان ٿو.

هيءُ ٻه منهنجو گيت ته ناهي
مون ڪان ٻاهر جو گونجي ٿو؟
مان ٿي هي سنسار ته ناهيان؟
منهنجو ٿي ته نه آ هي سپنو؟

---

چنڊ سان چمڪي نيڻَ
ٿا چون توکي، ’نه وڃ!‘

تون ته مون تي چاندني آن
تون ته آهين چنڊ پاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
ٿا چون توکي، ’نه وڃ!‘

ترس هيت، اڳتي ڳَرڻ آ
پر نه توکي آهه ڄاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
ٿا چون توکي، ’نه وڃ!‘

آءٌ تنهنجو هان، نه آ پر
تو پرائي جي پڇاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
ٿا چون توکي، ’نه وڃ!‘

نيٺ تون موٽي ته ايندين،
پر نه رهندي هيءَ سڄاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
ٿا چون توکي، ’نه وڃ!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

✓ ●

تو ڏسي، حيران ٿي
چنڊُ دروازي مٿان.
ڪيترا ياتي نه آهن، گهر ويو ويران ٿي!
تو ڏسي حيران ٿي
چنڊُ دروازي مٿان.
مان اچان ڪنهن لاءِ ٻيٺو هان هتي دربانُ ٿي؟
تو ڏسي حيران ٿي
چنڊُ دروازي مٿان.
آءٌ جنهن جي آسري هان، آءٌ سو امڪانُ ٿي!
تو ڏسي حيران ٿي
چنڊ دروازي مٿان.

---

تون نہ آئي آن اڃان،
آ وِهائُو رات جي
نرڙ تي جهومر جيان،
ٻاڪ نڪري ٿي پٺيان
ڪنهن ڪنوارِي خون جان،
ويل هيءَ ميلاپ جي
تون وڃين تارِي مٿان!
ٿا ڏسن ڳاڙها گلاب
تو طرف هر شاخ تان،
رات ڀر شبنم روئي
ٿي چوي، ’تو کي ڏسان‘
آهُ، کهڙي اڄ سڃان،
آءُ، تنهنجي لاءِ مان
ڪيترو بيچين هان!
تون نہ آئي آن اڃان....
تون نہ آئي آن اڃان....

●

تو وچ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.
هر رات تنهنجي پارَ ڏي تـو چنڊ حسرت مان ڪـَهي،
تو وچ ۾ واهڙ وهي
هـَن پار تون هِنَ پار ميَان.
تون ڪاٿ آن، تون ڪاٿ آن تو ڪيرُ تنهنجي گهـَر رهي؟
تو وچ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.
اي زندگـي تـولاءِ ڪـو ڪيسين ٻيو سـَهما سهـي!
تو وچ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اُئين ئي آزمايل
جڻن وهائو ٽوڙ ٽائين
صبح جي پهرين سنيهي ڪي پُڏي ٿو؛
تون اڃان آئي نہ آهين
ڪيترو ويران گهر ٿو ڪُي سڏي ٿو!

در اڃان تائين ڪليل آ
بند ٿيو جي، ڪيئن ايندين؟
تون تہ آن جهونڌو هوا جو
ڇا سڳندون ساٿ نيندين؟
هي اڱرُ ٿو لڳہ ڏڪي ٿو

ڪنهن اُڃايل نيڻ وانگر،
ڪا صدا ٿو لاءِ آهي
واءُ ۾ ڇڻ ويڻ وانگر.
تون ڇپي ويئي تہ آهين
پر اڃان پي وقت آهي،

هيءُ دروازو اڃان تو-لڳہ کايل آ
۽ اڃان تائين تہ مون کي ننڊ ناهي،
۽ ائين تو لڳہ اُڃايل
ايترو ترسي سگهان ٿو
جيترو ڪوئي نہ ترسي.

---

ڇڻ ته ڪا آهين پڪارَ
جيءَ منهنجي جي جيارَ،
تي سدا مون ۾ رهين.

نانءُ تنهنجو ٿي جڀي جا
ڪا ته تنَ ۾ آهه تارَ!
تي سدا مون ۾ رهين.

وچ ۾ درياهه آهي
۽ ڪپرَ ڪيڏا اپارَ!
تي سدا مون ۾ رهين!

مون اڃين ڏي آرزوءَ ۾
آ ڪتي ساري ڇمارَ،
تي سدا مون ۾ رهين.

ننڊ ٽوڙي جاڳ ۾ هان
آءُ تنهنجي لاءِ پيارَ!
تي سدا مون ۾ رهين،
تي سدا مون ۾ رهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا چوان؟ پل پل وڃي ٿي
رات پير پايل وڃي ٿــي،
ننڊ مون ڪي ڪيئن ايندي؟
ٿون اچين ٿي، ٿون اچين ٿي
دور سنڌوءَ تـي نچين ٿي،
ننڊ مون ڪي ڪيئن ايندي؟
آهه آدرپيـــاءُ تنـــهنجـــو،
چنڊ جئــن ڦهلاءُ تنهنجو،
ننڊ مون ڪي ڪيئن ايندي؟
ننڊ مون ڪي ڪيئن ايندي۔

●٧

ڇو وڌي آهين لڏي؟
هيڻن تون مون کي ڇڏي؟
کاش تون موتي اچين!

سِجُ اوندهه ۾ ٻڏي
جيستائين مون تڏي،
کاش تون موتي اچين!

اڄ شفق ڪيڏا پٽيي
چِٽَ پاڻيءَ ۾ ڳڏي!
کاش تون موتي اچين!

آءُ آڏري هنج جڻن
سَرُ پيو توکي سڏي!
کاش تون موتي اچين!
کاش تون موتي اچين!

---

●

ڇا تون مُور نہ اڃڻي آهين؟
ڇا تون سڀ پنهنجي ڇاتيءَ ۾
گهاتَ گهٽيون ميساري سگهندينءَ؟
۽ سو چنڊُ بہ واري سگهندينءَ
تنهنجي ڪونڀي تي آيِر يجو
تو ڪان روز ڇُميون وٺندو هو؟

ڇا تون اُن ڪي ماري سگهندينءَ
جو سپنو تنهنجي ڇهاتيءَ ۾
اَجُ بہ ڪنهن اسرار جيان آ،
اَجُ بہ تنهن دلدار جيان آ،
جنهن تي تو دل هاري آهي؟
يا تو ڳالهہ وساري آهي؟
جا گذري سا گذري ويئي،
چنڊ سچي آڪاس مٿان آ،
اڄ جي رات جتي ڀي پيئي!

——

●

منهنجي من ۾ جو رستو آ
تنهنجي گهر تي پورو ٿئي ٿو،
آءُ پهاڙن کي اورانگهي-
روز اچان ٿو تنهنجي در تي،
تنهنجو در ُ جو ڪونه کُلي ٿو.

چنڊُ، جڏهن مان پنڌ ڪيان ٿو،
رستي تي هر وقت هلي ٿو،
مون کان اڳ ۾ تنهنجي در تي،
بيهي مون کي چٿ ته جهلي ٿو،

ُهي اُن جو دروازو آهي
مون کان اڄ تائين نه پُٽلي ٿو،
ايئن چئي، پوءِ هو موٽي ٿو
مون سان ساري رات رُلي ٿو؛
تنهنجو در پر ڪونه کلي ٿو
تنهنجو در پر ڪونه کلي ٿو.

———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

آ سدا ٿوري لڳي
جيءَ ۾ جهوري لڳي،
تون وري ايندين ڪڏهن؟

عمر تنهنجي آرزوءَ ۾
ڪيتري ٿوري لڳي!
تون وري ايندين ڪڏهن؟

چنڊ جي چانڊاڻ تنهنجي
روح جي چوري لڳي
تون وري ايندين ڪڏهن؟

نانءُ ونڻو نانهه تنهنجو
ڳالهه هيءَ ڳوري لڳي
تون وري ايندين ڪڏهن
تون وري ايندين ڪڏهن.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاش! مان تو لئہ مران!
لاش نڪري جئن گهران
ڪاش، تون ويجهي هجين!

ڇڻ تہ تون سوداءُ آن
جو نہ نڪري ٿو سرّان!
ڪاش، تون ويجهي هجين!

پيار جي اظهار ۾
ڇو ڏران؟ ڪنهن کان ڏران!
ڪاش، تون ويجهي هجين!

هر خوشي پاسي ڪري
ٿو وري تو ڏي وران
ڪاش، تون ويجهي هجين!

سڌّ تي نڪري اچين
ڪاش، تون پنهنجي دران.
ڪاش، تون ويجهي هجين!
ڪاش، تون ويجهي هجين!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن مان تنهنجو واسُ اچي ٿو
سا شيءِ مون کي پياري، آهي.

هـو پونم جو چنـڊ مٿان آ
هيٺـان ڪائي تـاري آهـي،
هيءَ جـا رات ڦلهاري آهي
مون کي تو جئـن پياري آهي.

وائي جـا ٿـر ٻـر گونجي ٿي
ٻرساري تـي واري آهـي
موت نـہ جا ميساري آهـي
مون کي تـو جئن پياري آهي.

ٻـاڪ ڦٽي تـولاءِ تڪيندي
جـاڳي رات گـذاري آهـي،
مون جـا راهہ نهاري آهـي
مون کي تو جئن پياري آهـي.

●

منهنجو مُنهن جهونو ٿي ويو آ
تنهنجي لاءِ نهاريندي،
وَر وَر آڳ اُڀاريندي؛
پوءِ اڃان تہ نہ پورو ٿيو آ
اڇڙو آهہ بسنت اڃان
سيءَ سياٽي انت اڃان!

هي جو تنهنجو وعدو ٿيو آ
'ايندس آنءُ گلابن سان'،
توڙي آنءُ عذابن سان
گهاريان ٿو تہ بہ ساريان ٿو،
تنهنجي راهہ نهاريان ٿو.

ڇا هي ساڳي گھر جوُ درُ آ،
جنهن جي ڇانئَنَ وٽ ويهي مون،
ٻاسيو هو تہ بهشت بڻيو آهي؟

اڄ تون دُور هلي وئين آهين
ويجهي هوندي، ويجهي ناهين!

چند گھڙيءَ ۾ ساڳيو آهي
ساڳي ٻاڪَ، سرنهن جو وڻ ڇڻ
بسنت رُت ۾ جاڳيو آهي؛

اُن ۾ ڦول ڦُٽي پيا آهن،
ڦول تہ ناهن سپنا آهن
هن ڌرتيءَ جا، هاڻي جيڪا
تو لئہ ڇڻ واجهائي پيئي،
شايد تنهنجا پير اچن تہ
جن جي لاءِ ڪنائي پيئي؛

ها، هي تنهنجي گھر جو درُ آ
تون جا دُور هلي وئي آهين.

ڪنهن ڦهلايو رنگ شفق جو
آهي آن تــــي پـوچا وانگر؟
ساري ڌرتـــي گـــرجا وانگر
گهنڊَ وڄائي ٿي، گونجي ٿي؛
هيءَ جا تنهنجي سارَ اچي ٿي
سا بہ تہ تنهنجي پوڄا آهي!
هيءُ قلم جڻ منهنجو ناهي،
جڻ سارو سنسار اُنهيءَ ۾،
تنهن سان تنهنجو پيار اُنهيءَ ۾.
سون اڄ رات سمايو آهيـــي،
تـــوکي آءُ وڃايــو نـــاهي
منهنجي مَن ۾ تيون آهين اڄُن،
چنڊ پريان آڪاس منجهان جئن
نڪري ندّيءَ تي جهلڪي ٿو
ڇوليءَ ڇوليءَ تي چلڪي ٿو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

زندگـــيءَ ۾ اعـتبــارُ
پيارَا تنهنجو آهـہ پيارُ
تون اڇين ٿي !
تون اڇين ٿي !

مَنڌ هوليءَ جي اچي وئي
واهُ ۾ آهـــي بهـــارُ،
تون اڇين ٿي !
تون اڇين ٿي !

ٿـــا ستــارا لــڙ ڪڙائـن
عــرش ٿــائين آ خمارُ،
تون اڇين ٿي !
تون اڇين ٿي !

ريت رواِيءَ لاءِ سانگي
* گومتيءَ جـــي لاءِ پيارُ،
تون اڇين ٿي !
تون اڇين ٿي !

سِنڌُ تو آئي نہ ڏسندي
ڏات جو ڪوئي ڏڪارُ،
تون اڇين ٿي !
تون اڇين ٿي !

عمر ساري ٿي رهيو هان
آءُ تنهنجـــو انتظـــار
تون اڇين ٿي !
تون اڇين ٿي !

---

* گومتي ـ هڪ ندي

●

راتِ صُراحي آهي، جنهن ۾
مَيءَ ڇلڪي ٿي، پوءِ بہ اُن جو
ڪوبہ ترو ڪونهي.

اُن مان ڪيئي جامَ پيئان ٿو
توِن ايندينءَ، تنهن لاءِ جيئان ٿو.

جي ڪو در تي کڙڪو ٿئي ٿو
من ڇرڪي ٿو
۽ سوچي ٿو
تنهنجو آدرياءُ ڪري ڪئين؟
تو لئہ ڪوئي جام ڀري ڪئين؟
پوءِ ڏسي مايوس ٿئي ٿو،
هي تہ هوا جو جهوٽو آهي
جنهن ۾ تنهنجي پنڌ پوڻ جو
ڪوبہ پرو ڪونهي!
راتِ صُراحيءَ وانگر جنهن جو
ڪوبہ ترو ڪونهي!

---

●

سنجها ڏاڍو جڏهن ايندو آ
چنڊ وَلين جان
جوت پتين تي چاڙهيندو آ،
گذريءَ رُت جون سارون مون لءِ
ساوڻ جي گهنگهور گهٽا جئن
ايندئون آهن،
ڪنهن ايڏي پُرشور هوا جئن
ايندئون آهن،
سڀڪجهه اڏري ويندو آهي،
تنهنجو روپ رڳو رهندو آ؛
چندرما جي چانڊوڪيءَ جئن
ڪارن ڪڪرن ۾ ڪِهندو آ؛
۽ پوءِ مان سوچيندو آهيان،
ڏون جا منهنجي چانڊوڪي آن،
سچ پچ منهنجي پانهَن ۾ ڏون
گهورگهٽا جئن وارَ وڇائي
۽ ڇهري جو چنڊ ڇُپائي،
ڪالهه هئين ڪنهن سپني وانگر؛
يا هي سچ پچ سپنو آهي
سپنو، جيوَن ساري وانگر؟

---

●

ڪونج وانگر تو ڦران مان
ٿي پڇدين ڪُرلاءُ منهنجو؟
ٿا پڇن تارا فلڪ تي،
تون اڃان تائين فجر جئن
ڪانه آئي آنهه گهر ۾؛
تون نه ايندينءَ پو به تَر ۾
سوجهرو ٿيندو، آوَس ٿيندو آياڻي!
آ چڙهيو ڪيڏو نه پاڻي
۽ سنڌو ٿمٿار آهي!
تو ڏٺو آخر پراهين پار ڇاهي؟
پڊ! پرن تا چنگ ڪيڏا
۽ چڙا بيدار آهن،
لارَ آ تن جي هوا ۾
چڻ نه تنهنجي سار آهن!
ڇا پڇي پيهار مون سانَ
ڪانه هم آغوش ٿيندينءَ؟
يا صدا برگوش ٿيندينءَ؟
ڪيستائين ننڊ نيندينءَ؟
ڪونج وانگر ڪونه ٿيندو
رات سان سرچاءُ منهنجو.
ٿي پڇدين ڪُرلاءُ منهنجو؟
ٿي پڇدين ڪُرلاءُ منهنجو؟

---

●

تون متان ائين سمجهين
ياد تون نہ آن مون کي؛
چنڊ جئن ڳهٽائن ۾
دور دور ويندو آ:
تئن ڇپي وئي آهين؛
دور ديس ۾ ڪنهن جي
گهر، ڪُپي وئي آهين.
اڄ بہ آهہ منهنجو من
ڪنهن اُداس گهر وانگر،
ٿا پُڏن جڏهن آهٽ،
ڇڙ تہ نيڻ در وانگر
ٿا ڪُلي پون منهنجا!
انتظار مون ڇاڇا
رات ڀر ڪيو آهي؟
تون اڃان نہ آئي آن:
من تہ بي ڇيو آهي
ٿو چوي تہ 'توُن ايندين؛
رُت بسنت جي ايندي،
پينگهہ ايئن آڱر ۾
تو سوا نہ جهوليندي'...
توُن ضرور اچڻي آن!
توُن ضرور اچڻي آن!

---

●

تو اچين ٿي!
تو اچين ٿي!
گهَرُ آهو پَر ڪونہ آهي:

دَرُ آهوئي آهہ اُن جو،
ٻاهران تو وڻ ڏٺو هو
پَرُ آهو پَرَ ڪونہ آهي.

ڪنبي تنهنجي لاءِ ڪامن
هنجَ تو لئہ ٿا اڏامن
سَرُ آهو پَر ڪونہ آهي.

اڄ بہ هُو تو لئہ تڪي ٿو،
ڏيهہُ ساڳيو آهہ تنهنجو
ڏَرُ آهو پر ڪونہ آهي.—

تون اچين ٿي
تون اچين ٿي.

●

پيارَ! تنهنجو انتظار
ڪيستائين مان ڪيان؟

تون ڪڏهن ايندين ۽ گلن جهڙن
۽ ڪڏهن ايندو بهار؟
پيارَ، تنهنجو انتظار
ڪيستائين مان ڪيان؟

آ پڇي منهنجي حياتي
آهه باقي ڏينهن چار،
پيارَ، تنهنجو انتظار
ڪيستائين مان ڪيان؟

ڪونه ٿو ڪنهن کان پڇي هو
موت تي ڪهڙي ميار!
پيارَ، تنهنجو انتظار
ڪيستائين مان ڪيان؟

---

ٿي ٻري شعلي جيان،
زندگي منهنجي مٿان
اوچتو ڪامي وڃي،
ڪا گهڙي ٿولاءِ اوندهه ٿي وڃي؛
مان ته پانيان ٿو اڃان
جيسيتائين ڪيترا شعلا ٻرن
روشنائي ڪن گهڻن،
آءٌ تنهنجي لاٽ ٿيندس؛
ڪيئن چئجي ڪيستائين؟
رات رهندي جيسيتائين
تيستائين
آءٌ تو لئه وات تي چمڪاٽ ٿيندس،
آءٌ تنهنجي لاٽ ٿيندس
آءٌ تنهنجي لاٽ ٿيندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري رات ڪڪر ڪوٺن تي
سانوڻ جا وسڪارا ڪن ٿا،
ڪو دَم مينهن وڄي ٿو ٻيهر ٻي
ٽم ٽم، ٽم ٽم تارا ڪن ٿا.

ٻاٽ انڌاري ۾ مان پنهنجي
ٻانهن پيو ڳوليان اي ساٿي!
تون جو ٻئي ڪنهن گهر ۾ خوش آن
توکي ٿو ڦوليان اي ساٿي!

ڪاري رات ڦهاڙن جهڙي
آءُ اڪيلو جهاڳي ويندس،
بادل برسي ٽڪبا ۽ مان
پنهنجي کي پيڙو ٿيندس.

تون جو مون کي ٻانهن نه ڏين ٿو،
جيڪو گهرُ پنهنجو سمجهين ٿو
ساٿي! سو گهر تنهنجو ناهي؛
اهڙو وقت به ايندو توتي

ڪاريءَ رات ڪڪر ڪوٺن تي
جڏهن ڪندا تو وٽ گجگوڙون،
پنهنجي گهر کي ياد ڪندين تون؛
پر اُن جا دروازا کولي
توکي سڏ نه ڏيندو ڪوئي.
توکي سڏ نه ڏيندو ڪوئي!

●

ٿوري ڪيئي سال اسان آ
هڪبئي لئه واجهايو ساٿي،
تون هاڻي ڪجهه دُور لڳين ٿو
لايو ناهه سڄايو ساٿي!

تنهنجا ٻارَ اسان جا ناتا
هاڻيْ ڪونه سُڄاڻي سگهندا،
هيءَ تاريخ نِڌوري آهي
ليڪن هُو ته نه ڇاڻي سگهندا!

ڇا ڪاڏي ڪنهن وقت رَڙور ڙ
هن ڌرتيءَ کي چرڪائيندي؟
يا هيءَ سانت وَسيهر وانگر
ويندي هر شيءِ ڳرڪائيندي؟

آءٌ ڪنڌيءَ تي ويٺو سوچان
ڇا ڪوئي طوفان نه ايندو؟
جيڪو ٻيئي ٻارَ ملائي
ڇا اهڙو انسان نه ايندو؟

ڏاڍي دير لڳي وئي آهي
سڀ دروازا بند ٿين ٿا،
پوءِ به ڪي ڪي ڏيئا آهن
جي ڪجهه ٽمٽم لاٽ ڏين ٿا.

ڏرتيءَ تي رانديڪن وانگر
سپنا سارا پکڙيل آهن،
چوڌاري گهرگهر ۾ ڪيئي
تو مان پارا پکڙيل آهن.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي لـَـڪ“ لنگهيا آهن مون
اي پرڏيهي!
منهنجي پيرن منجهہ لڦون يا
نيل ڳـَـگن ۾ تارا آهن!
(ڇا ڪو اهڙو پانڌي آهي
جنهن کي پـُـير نہ پيارا آهن؟)
هاڻي ڪنهن پٿر تي ويهي
پنهنجا ريتا پيرَ ڏسان ٿو
۽ هي ديهي
ان تي سڀ انڌير ڏسان ٿو
اي پرڏيهي!
منهنجا وارَ ڇڏي ويا آهن
منهنجي ديد نہ آهي ساڳي
ڪائي عيد نہ آهي ساڳي؛
اڄ مان جهوني بڙ وانگر هان
جنهن تي سـَـو طوفان لڳا، پر
اُن کي ڪونہ سگهيا ليٽائي؛
موت مگر خاموشيءَ سان ٿو
مون جهڙن هر ڪنهن کي ميٽائي.

ٻيو نہ ھجي پر منھنجي ڪِروِتا
تہ اهڙو ڪارڻ آهي
جنھن جي لاءِ اڄ تون موٽي،
تنھنجي منھنجي وچ ۾ وڇوٽي
ڇاڙين ٿو تہ اجائي آهي؟
پر تو اڄ اپنائي آهي
مون بن ڇڻ بي ڪائي ڏرتي،
مون کي تون جنھن وقت پڙهين ٿو
سوچين ٿو تہ 'وسامي ويندو'
'هي نہ هوا ۾ ٻارڻ آهي'،
پر هي اهڙو ڪارڻ آهي
آنت سمہ تائين ھلندو آ
تيسين ڌرتيءَ تي جلندو آ
جيسين ٻاک پلاري ڦٽندي،
جيسين رات انڌاري ڪٽندي.

●

ڏورُ بـــہ ڏِسُ ڏيسيئـڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

تو لئہ پيو ڪو چارو ناهي،
پيو تہ ڪٿي نيتارو ناهي.
ڏک اهوئي آهي جنهن تي
چنڊ وجهـي تـو ليئڙا !
ڏورُ بـــہ ڏس ڏيسيئـڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

مورڪَ چـار ڪلونا ناهي،
ويٺو آهين ڇا ڪي ڇـاهي؟
ڏَنُ سوا پيو تو وٽ ڇاهي؟
مـون وٽ ڪيـڏا ڏيئـڙا !
ڏورُ بـــہ ڏس ڏيسيئڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

هي جو اُجرو آنُ ڏسين تو-
ڇا اهڙو ڪو ڏَنُ ڏسين تو؟
هـن ڌرتيءَ جـي مٽـي آهي
سـونَ جيـان سانگيئـڙا !
ڏورُ بـــہ ڏس ڏيسيئـڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽِينگَرَڙا! تون هي واريءَ سان
ڪَنهن جي لاءِ اَڏون ٿو ڏاهين؟
هو چوڏس جو چنڊ ڪڙو آ
ڇا، جهڙي آن سان ساٿ نڀاهين!

ڇا، تون پنهنجي ڪارونجهر کي
ساري رات وساري سگهندين؟
هي واريءَ جو کيل رچائي
پنهنجي گهر کي واري سگهندين ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

هيءَ گهٽي جا دور ڪِٽِي ڪِٽي
دورُ افق جي سيني ۾ چڪنهن خنجر وانگر،
آن ۾ هيءَ تنهنجي گهر ڏوانهگر
شايد ڪائي جاءِ لڳي ٿي،
پر ٻي ڪنهن جي لاءِ لڳي ٿي.

تون ته اجايو بيٺو آهين،
آن وٽ بيهي ڇا ٿو چاهين؟
دور اُفق جي سيني مان جو
خون وهي ٿو،
آن ڪانَ اڳ ۾ جو تو تائين
پهچي، تون جيڪر ڳالهائين
مون کي پنهنجي سوچ ٻڌائين؟

هي گهرُ جي تنهنجو نُي آهي -
۽ آن ۾ ٻيو ڪوئي آهي،
آن کي حاصل ڪيئن ڪندين تون؟
آن کي حاصل ڪيئن ڪندين تون؟
آن کي حاصل ڪيئن ڪندين تون؟

---

نينگرڙا! ڇو واٽَ وساري
آ تو پنهنجي ڪاروڻجهر جي،
جنهن تي مورَ ٽهوڪا ڪن ٿا؟
اهڙي ريت ته ناهي ٿر جي!

نينگرڙا! تون هي واريءَ مان
ڪنهن جي لاءِ لڏون ٿو ڏاهين؟
هو چوڏس جو چنڊ ڪڙو آ
ڇا جهڙي آن سان ساٿُ نباهين!

هي جو گهر ڪي لوڙهو آهي،
توتي ڪائي روڪَ ته ناهي!

ڏينگهر تون ڪنهن وقت هٽائي
آن مان جي ايندين ته ڇڱو آ
هو چوڏس جو چنڊ ڪڙو آ!
جو گهر ڏي، تو واٽَ پسائي.

ڇا تون پنهنجي ڪاروڻجهر کي
ساري رات وساري سگهندين؟
هي واريءَ جو کيل رچائي
پنهنجي گهر کي واري سگهندين؟

●

ماڻھو چنڊ تي ويو آھي
تون تہ اُتي ئي ويٺو آھين!
ڌرتيءَ تي دنبور وڄائي
چئو، تون آخر ڇا ٿو چاھين؟

ڪنھن بہ گھڙوليءَ واري تنھنجي
ڪابہ ڳجھارت ڪانہ سلي آ،
ايئن بہ ناھي ڄاڻي واڻي
ھُن توکان ڪا ڳالھہ لڪائي آ.

ھُن وٽ جو ڪچڪول بہ آھي
ھُن توکي سڀ آڇيو آھي،
ھر ڪوئي اسرار ازل جو
ڇڻ تو لئہ اوڳاڇيو آھي.

تن ۾ ڪابہ تہ معنيٰ ناھي
ھي جي تن جون ڪافيون آھن؛
تو وٽ جو ڪجھہ ڪونہ رھيو آ
تنھن جي لاءِ تلافيون آھن.

ھي تن جا ڳڻ ڳائڻ وارا
ڄاڻَ اُنھن اڻڄاڻن کھڙي؟
سِندَ ڏسي بہ نہ ٿا ھُو سمجھن
پينگ وَسي ٿي پاڻن کھڙي!

چاڙهين ٿو تہ اچوڪو ماڻهو
دنيا ۾ ڇا ٿي ويو آهي؟
تون تہ آٽي ڏي ٻيٺو آهين
ماڻهو چنڊ ٽپي ويو آهي!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

آٿ تہ ٻاهر ڏسون ڇا نہ گھمسان آ!
يا تہ برسات آ يا تہ طوفان آ!

هي اَنڌ ۾ ڏڪڻ ڪيئن تا ڳڌ ڳھڻن؟
ڇا نہ امڪان آ! ڇا نہ امڪان آ!

ظلم مغرور آ ظلم مسرور آ
نيٺ مغرور آ نيٺ نادان آ!

ڪهر آ شهر آ؟ يا رڳو زهر آ؟
رات جو پهر آ چند حيران آ!

اي 'اياز' اڄ ترِي ۽ سياڻي ترِي
وقت قاتل جيان ڪوئي مهمان آ.

●

ڇا رڳو فهرست ۾ تون نالو ڏيندين
يا هتي پيرا ڇڏيندين
ايترا، جو ڪوبه ٻيو پيرو نه هوندو!

تون به هر ڪنهن جهڙن ڪناري ڏانهن ايندين،
وقت ڪنهن درياهه جهڙن ڇوليون هڻي
اوچتو تو کي ڪڏهن وڃندو ڪٽي.

ڇا هتي پيرا ڇڏيندين
ايترا، جو ڪوبه ٻيو پيرو نه هوندو؟
ڇا سدائين لئه لڏيندين؟

تون وري پيهر ڪناري تي نه ايندين؟
نيٺ هي درياهه ٽپيندين؟
ڪوبه ٻيو پيرو نه هوندو،

۽ هتي پيرا ڇڏيندين
ايترا، جو ٻيو به ڪو پيرو نه هوندو؟

———

●

هڪڙو ماڻهو ڪافي آهي
جي هُو سچ چوي ٿو،
هڪڙو لکش ٿئي ٿو.

سچ اهو ٻوٽو آهي، جو
هڪڙي هنڌ ڪڙي ٿو
۽ پو پنهنجا ٻج پکيڙي
گهرگهر منجهه ڦڙي ٿو.

ڇا جي تنهنجو ساٿي ناهي
ساٿي ڪري پوندو!
تنهنجو سچ هنداڻبندو پو
ساري جڳ کي چوندو.

سچ جي لاءِ ڪيئون ماڻهن
اڳ به ڏاهيون آهن،
تون ته اهو چائين ٿو، سي ٿو
اڳ به چاهيون آهن.

———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

آدَمَ جو خونخوار درندا
تنهنجي دَر تي چنگهاڙن ٿا،
تنهنجو تن ته هڏاڻون پڃرو
تنهنجو مَن ڇيرن ڦاڙن ٿا؛
گهري ننڊ سُتو پيو آهين
هُو تنهنجي ڇُرپُر تاڙن ٿا،
تنهنجيءَ هر هُرڪُر تي توڙي
ڪنڌ اچانڪ هُو لاڙن ٿا،
۽ سوچن ٿا، هُن جي تَن ۾
’اڄ تائين ڪو ساهه رهيو آ؟
’اهڙو ڪو ويساهه رهيو آ
’جيڪو دنيا کي اڳ وانگر
’اڄ به بدلائڻ چاهي ٿو؟
’جو موجوده کي ڊاهي ٿو
’جو مستقبل ڏي ڪاهي ٿو؟
’جيڪو سچ چيو آهي هُن
’اُن ۾ ڪو آتساهه رهيو آ،
’جو خطري جو باني آهي؟
’اهڙي ڪا به نشاني آهي،
’جو هن کي پيڙيون پارائي
’پيهر قيد ڪجي پڃرَ وانگر!‘

——

●

ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

خاموشي بيانت سمندر
جنهن جو ڪو ترِاڪُ نہ آهي،
جي معنيٰ جا موتِي، تن جو
هر ڪوئي هيراڪُ نہ آهي،
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

روز سياست تي بہ گهڻوئي
تن جي گفت و شنيد ٿئي ٿي،
پوءِ بہ آهي نابين، انهن جي
ديدَ بظاهر ديد ٿئي ٿي!
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

پوءِ بہ ڪنهن آمر جي اڳيان
سَچُ چوڻ کان لهرائن ٿا،
'ڪو آهي جو سَچُ چئي ڏي!'
هڪٻئي ڏي هَو واجهائن ٿا.
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

آهي ٿورا حَرفَ حقيقت
جي اُن ۾ الجهاءُ نہ آهي؛
سَچُ بنهہ آسان ٿئي ٿو
پر جي سَچُ چوڻ ڪو چاهي!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

روز جهولو لڳي روز پيرون پڇن،
شال مارو اچن! شال مارو اچن!

هو ڏسو! هو ڏسو! ڪيڙٿر تي ڪڪر
دور آڪاس ۾ اڄ وڇون ٿيون نچن!

مينهڙا ڏينهڙا شال ڦيري وڃن!
مَدُ وانگر اچن، جي هوائون اچن!

موت سان فوت سپنا نه ٿا ٿي سگهن
جيئن ماڻهو مرن تيئن ميڙهو مچن.

ابر جو ساٿ ڏي، ٿو اچي، ٿو اچي
هي نه آ ڪم ڪچن، ڪير ڏسجي بچن!

اي 'اياز' آدمي ٿو مري هوندو پي
ڪو نه ڪنهن کان ڏنا سچ ڳالهيون مڃن!

زندگي! دوُر جي قيد ۾ ٿيو رهڻ
صبر هاڻي نه آ، جبر ڪيئن سهان؟

گھنڊ مون لاءِ ڪنهن دير کان ٿو وڄي
قافلو ٿو ڪٿي، مان به تنهن سان ڪٿان

نانءُ منهنجو به تون، ٿانءُ منهنجو به تون
آءٌ تو کان سوا ڪونه هان، ڪونه هان!

تون ڪڏهن ٿي اچين مينهن جي بوند جئن
سپ وانگر پيو مان وچوڙو سهان؟

اي 'اياز' اڄ ڪٿي چنڊ جهڙو پرين
ڪاش هن کي ڪٿي آءٌ ڳولي لهان!

●

اڃين لڳي ٿو اي آزادي!
هُو توکي جنهن وقت ڏسن ٿا،
منهنجا نيڻ وري ساڳيئي
سپني سان سُرہاٽون ڪن ٿا!

نيڻ ته ساڳيا ٿيڻي آهين
تون جا سپنو آن اڄ تائين؛
تنهنجي لاءِ تڪيندا رهندا
وَر وَر منهنجا نيڻ سدائين.

ڪير چوي توکي ڳوليندي
منهنجي عمر اجائي ويئي!
ڳولا خود ٻه ته آزادي آ
ساري عمر سجائي ويئي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

منڊلي تارن پري آڪاس جي
ڪيترو چِڪتاڻ کان آهي پري؛

ٻُهرَ وايوءَ تي ڌري
* ڇڻ مها مايا وڃي ٿي!

ڪي ٻه ڌرتيءَ تي ڌماڪا ڪونه آهن
واءُ ۾ ڪنهن جا ٻه واڪا ڪونه آهن!
* جافنا ۾ ڇُپ‘ چوڌاري پُري ٿي
ڇڻ ته پنهنجيءَ سوچ ۾ آهي ٻُڏل
ٻُڌ‘ اڄ ڏاڍو لُڏل!_
’ڪجهه ٻه ڪنهن کي تيا ڳپ مان ورڻو نه آ!
’ڇڻ هتي ڪوئي ٻِسون مرڻو نه آ
’گوليءَ ٻنان
’رَتَ‘ جي هوليءَ ٻنان،
’ڪو بسنت اچڻو نه آ
’ڏاڍ ۾ ڌهڪاوَ جو
’ايئن انت اچڻو نه آ!‘

---

* مها مايا _ ٻُڌ جي ماءُ
* جافنا _ سري لنڪا ۾ اها جاءِ جتي دهشت پسند تامل فوج کي آڪٽوبر ١٩٨٧ع ۾ شڪست ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏَرَ ڏَنڌي! ڏَرَ ڏَنڌي! جاءِ ڪائي ڏِڏي!
ڌاءُ ايڏو ڏنڌي، ڌاءُ ايڏو ڏنڌي!

آءُ، تو لئه اڃا منتظر آهيان
ڇا وڃين تون ڇڏي؟ تو سدائين لڏي؟

تون به آهين اڃو پيءُ هن ٿانوَ ۾
ٿم جٿي ڇانوَ ۾ وِيهه گوڏو ڳَڏي!

هي عدم ڏي قدم روڪ اي همسفر
هيءَ ڌرتي نه ڇَڏي پيرَ تنهنجا ڇڏي!

اي 'اياز' اوچتو سنڌ پڙڪي پئي
آڳ ٻيئي ٻري، آڳ پيئي سڏي!

●

تنهنجي مينهن تي ڪڪري آهي
باک جتي ٻه ڦٽي ٿي، تنهنجو
ديس اُهو ڇڻ ويري آهي؛
منورتي ڇا ميري آهي.
ٻئي جي اوجل مُک تي پيئي
اڳ ۾ ڪان ٻه انڌيري آهي.

تنهنجو وسُ پنهنجي ته سيئي
سڄ سُنهرا ديس مڻائين!
توکي گهُرجي رات، پيو تون
ڪنهن چمڙي جئن پر ڦڙڪائين!

پر هيءَ رات ته پوري ٿي آ
اڃئي باک پليري آهي،
ڏندُ گهٽوئي آ، پر نڪتي
ڪائي ريک اڇيري آهي.

———

●

منهنجي ذات اجان بہ تہ آ ڪنهن مرهم وانگر
تنهنجو چـمُ، آنهي چم وانگر
جنهن ۾ ڪنهن خنجر ڪوڙيو آ—
ڪيڏو گهاءُ ٿيو آ توکي، تو لوڙيو آ!
تو مان آءُ ڇڪي خنجر جنهن وقت ڪيان ٿو
مرهم مرهم گيت ڇوان ٿو،
تون تہ ائين مون ڏانهن ڏسين ٿو
برهم ٿين ٿو
مون تي ساري رات رنيين ٿو
ڇڻ هي خوني خنجر جيڪو
تنهنجي جيءَ اندر پيئل آ
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ ويئل آ
تنهنجي ئي دل آهي
تنهنجي ئي دل آهي.

---

●

عمر تـــون منهنجـــي گهٽائيندين تـــہ ڪونہ!
مان هزارين سال هان.
مان اڃنتا ڪان بہ اڳ ۾ هان، ڇتائي تو ڏٺو نہ،
مان هزارين سال هان.
ڇونہ مان آزاد ٿيندس، جي رهڻ چاهيان تہ ڇونہ!
مان هزارين سال هان.
پائيپيءَ جو واهپو مون سان آڏيي ڪوڻي ڪـيو نہ،
مـان هزارين سال هان
مـان هزارين سال هان.

---

●

سرد ڏاڍي آهه رات
آڳ اڄ ٻرندي رهي
برف وانگر آ ڄمي وئي بات جا آئي به وات،
سرد ڏاڍي آهه رات
آڳ اڄ ٻرندي رهي.
تيرگي ٿي تيرگي آ، ٿــــي اُجهامــي ڪائنات،
سرد ڏاڍي آهه رات
آڳ اڄ ٻرندي رهي.
ڪُنهن جُتهن ٿم سان متان، جر ڪي پوري هي شش-جهات!
آڳ اڄ ٻرندي رهي.

---

●

هُو چون ٿا هيئن ڇو؟
مان ڇوان ٿو ’اِئَن نہ چوندس‘
زندگي گذري وئي ڪنهن جو ڪيو مون ڪونہ ٻڌو،
آگ جو مون ۾ اجا تائين آهوئي آهہ تَوهُ،
جا چوي ٿي، ’جي پتنگ آهين تہ مون ۾ پاڻ ٻڏو!‘
هُو چون ٿا هيئن ڇو؟
مان ڇوان ٿو ’اِئن نہ چوندس.‘

●

ٽانڊيا ٽوپڙي اڃان
مون اڳيان لٽڪي پيو.
هي ته ممڪن ناهه مان ڪنهن سامراجيءَ کي مڃان،
اوءِ آزادي! اڃان مان ڪونه ڏو پيرو پڄان!
سِرُ ڏِرڻيءَ تي اڄ به آ، تنهنجي ڳليءَ ۾ ٿو وڃان
ٽانڊيا ٽوپڙي اڃان
مون اڳيان لٽڪي پيو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

’دنيا ڏيوندڙ تي طالب ڪُتي‘
ڀٽائي شاهه گهڻائي آهن،
مون کي مُهر ڇپڻ تي آهه جو
تن مان ڪي پنهنجا ئي آهن.

قلم جيان ڪائي به امانت
ساڌوءَ جي ورثي ۾ ناهي،
آ جنهن جي تاريخ لکي وئي
* تنهن ساري عرصي ۾ ناهي.

اهل قلم پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي
جي به پيمبر ٿيندا آهن
دنيا کان ڪجهه وٺندا ناهن
دنيا کي ڪجهه ڏيندا آهن.

ادب طوايف وانگر نڪري
پنهنجو پاڻ جڏهن وڪڻي ٿو
ڌرتيءَ تي انڌير ڏسيءِ، پو
ان کي ڪو غصو نه اچي ٿو

* ورثو ۽ عرصو ــ ٻنهي هم قافيه لفظ آهن ۽ انهن جو قافيي طور استعمال مان جائز سمجهان ٿو. سنڌيءَ ۾ س، ث ۽ ص جي اچار ۾ ڪوئي فرق نه هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي خاموشيءَ تي شايد،
آنڪي ڪوئي شرم نہ ٿئي ٿو.

شرم وڏي شيءِ آ ٻاڏهوءَ ۾
شرم نہ آهي ڪجهہ بہ نہ آهي:
هيءَ ٻي ڳالهہ طوايف وانگر
جي ڪوئي دنيا کي چاهي،
پنهنجي ڪُوڙي سُڪَ جي ڪارڻ
ڏرتيءَ سان لاڳاپا لاهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانءُ تہ هن جو ’آجو‘ آهي
هن جي ذات ’کٽوهر‘ آهي
هن جا مائٽ هاري آهن
هيءُ انهن مان لوهر آهي.

روز اهو بندوقون پلٽي
ٻهراڙيءَ کي پهچائي ٿو؛
مون هن کي خاموش ڏٺو آ
لوڪ ڏسي هو لهرائي ٿو،

ڪاري رات رليءَ جهڙن پائي
ننڊ جڏهن سنسار ڪندو آ،
هن وٽ ماڻهو ايندا آهن
جن سان هي واپار ڪندو آ.

ڪنهن جي لاءِ ڪمائي ٿو هُو
هُن جي ٿيي تہ نہ ڪا شادي آ!
هن جي ڪا محبوبہ آهي
جنهن جو نالو آزادي آ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

منهنجا گيت پڙهائي تنهنجي
جنگ پيا جوڙن.
تو وٽ جو دنبور هيو، تو
ڪالهه تعصب جي سر تي ڦهڪايو هو.
تو جا وائي ڳائي هُئي
بيت به جيڪو ڳايو هو
سنڌ ديس جي ڌرتيءَ تي ڦهلايو هو،
آن ۾ ڪائي جنگ هُئي؛
ڌرتي ڪيڏو تنگ هئي،
ڪالهه تعصب وارن ڪان
تن ڪِڪيءَ جي ڪارن ڪان
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي من ۾ جن ڪا بدبو ڦهلائي هئي؟
ڪلهه جا تنهنجي وائي هئي
تنهن ۾ تِن سان جنگ هئي؛
ڌرتي تنهنجي سَنگ هئي
رَنگني تنهنجي رنگ هئي،
هُوءَ جا تنهنجي جنگ هئي
سا اڄ تائين جاري آ.

●

هي ڇؤنرا جي ڇانڊوڪيءَ ۾
ڪارڙي ٽر تي ٻيٺا آهن؛
پنهنجا پنهنجا ڏکَ لڪائي
پار ٻڪايل ڇاتيءَ لائي
ربَ رُڳيءَ لئہ آتا آهن،
ڇند آنهن لئہ ڪا شيءِ ناهي!
ڪيڏي سونهن سمايي پيئي، پر
مَنڊُ آنهن لئہ ڪا شيءِ ناهي!
ڪونيٽ پنهنجي جهولَ جهلي ڇڻُ
برڪا رُت ڪان ٻيک گهرن ٿا!
اڄ ڪوئي آواز نہ آهي
سَنَ بہ ايڏي، ڪَنَ ڪرن ٿا!
پر ڪنهن وقت ٻڪايل ابهم
جاڳائي ٿو ٻڪ وگهي گهرُ
ڪير ٻنان جي ٽڙ لڙڪن ٿا
ڇوهي ٿو ڪنهن ڪُنڙي وانگر
ڇڳڙن جي ڇنڃار اڇي ٿي
جيسين، تيسين گونجي ٿو ٿرُ

درد محبت جا ٿيندو آ،
درد محبت تون جا ڄاڻين؟

ڪنهن جي عارض و لب جي دوري
ناهه ضروري،
پيو به تہ جا جا ٿي ايندو آ
۽ دل کي تڙپائيندو آ؛
درد محبت جا ٿيندو آ،
درد محبت تون جا ڄاڻين!

وڻ وڻ سان وهنوار ٿئي ٿو
پيار ٿئي ٿو
جڻ تہ پُسيون ۽ پيرون منهنجا
پيئر آهن، پاڻر آهن،
* تنهنجا گتل گولر آهن
جن کي دور ڇڏي آئين تون
۽ جنهن وقت لڏي آئين تون
وات وات تي ڪائي گهٽي
چڻ ڪا مرٽي
تنهنجي پيرن کي چنبڙي ٿي،
دور ڇڏي آئين تون تنهن کي

* گتل ۽ گولر— هندستان جا وڻ جي قل ڏيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏور لتاڙي
پنهنجي اندر جي ماڻهوءَ کي
چيري ڦاڙي،
ڪنڌُ نه لاڙي؛
منهنجي پاڙي
ڪائي زخم درندي وانگر
چنگهاڙيو تو،
رَتُ پڇي مُنهن مان ڳاڙيو تو،
ڪيئي سال ٿيا آهن، تو
پنهنجو رتو رَتُ مُنهانڊو
ڏٺو ناهي
ڪارو ڪارو رَتُ اڃا ڪنهن
تنهنجي مُنهن تان لاٿو ناهي!
هاڻي ڇا ٿو منهنجي پاڻي
درد، محبت کي تو ڄاتو آهي؟
ڪنهن ڇنجي!
او ڪنهن ڇنجي!!

●

سنئين لڳين ڪوئي به ته ناهي، هرڪو آهي گهيري ۾
کهڙا تو سوداءَ پچائين ويهي * 'مير' انڌيري ۾
اُڏري اُڏري ٿڪجي پوندين پنڇي روز پتوڙي پر
تنهنجو سپنو ڪٿي به ناهي، ڇڻ ڪنهن سانجهه سويري ۾!
ٿلڪ لڳايئه نرڙ سجايئه، هٿ وڃايئه مٿ ڏسي،
پر ڪنهن جاتَ آسات نه لاٿيئه ڇپي ائين ئي ڇيري ۾!
ڪچي آ ديوار، ڪڏهن هي ڦهڪو ڪائي ڪرٽي آ،
ڪيڏو ٿي مضبوط لڳي، پر دنيا ٽيري ميري ۾!
پنهنجا پنهنجا بول پڏائي، پَر ڦهلائي اُڏري ويا
تو وٽ ڪالهه پرندا آيا جي تنهنجي آکيري ۾!
رات پئي برسات، هوا جو ڇا تو ڪوئي شور پڌو؟
وڄ وراڪا ڇڻ ڪاڌا ٿي، لاٽَ وسائي ڏيري ۾!
اُتر کان هالار مٿان، تو ڪيڏو ڪارونڀار اچي!
ڏکڻ ڏانهن هلي آ اُڏري، ننڊ نه، ڪر واهيري ۾.
پنهنجي جوت جلائڻ وارا، سڀ نڪري ڪيڏانهن ويا
ايڏي رات اياز گذاريئه ڪنهن جي لاءِ انڌيري ۾؟

---

* 'مير' — اُردو جو شاعر مير تقي مير. هي غزل اُن جي بحر ۾ آهي.

سنڌوءَ جو پاڻي ته مِٺو آ،
پر مون سُپنو ڪونه ڏٺو آ،
ڇاڻان ٿو ته ڪڏهن منهنجو ڪِو
* ديس هُيو ڪاويريءَ تي.

چنڊ هتي به اُهوئي آهي
جيڪو منهنجي ڳوٺ مٿان هو
ڇڻن نه آ پر چانڊوڪيءَ ۾
چنڊ هِتي ڪيڏو نه اُدانهو!

ڪونجون هِت به قطارون ڪن ٿيون
پر ڪوئي ڪُرلاءُ نه آهي!
تن جي لاءِ اُڌار ڪَٺن آ
ڇو ته سڻائو واءُ نه آهي.

سِجُ هتي جي تاءُ ڪري ٿو
ڇانوَ وڻن جي ساڳي ناهي؛
جنهن جا گيت هجن جهڙ جهڙا
اهڙو ڪوئي راڳي ناهي.

منهنجي ڌيءَ ته هت ڄائي آ
ڏو جڏن ڳالهائيندي آهي،
ڇڻ ته شفق جڏن لڳندي آهي
جي کهنبو پائيندي آهي؛

چاڻ آن ڪي ويساهه ٻه اينئدو
تنهنجي باک پليريءَ تي؟
سچ اٺين ٿي هن جو هوندو
* جئن منهنجو ڪاويريءَ تي؟

---

* ڪاويري ـ نديءَ جو نالو.


ٽٽر ٻولڻو
پڃري ۾ ڇو پالين ٿو؟
پڃري جو دروازو کولي
اُن کي ڇونہ اُڏارين ٿو تون
جيئن هوائن ۾ هو ٻولي؟

ٽٽر ٻولڻو
ڪَنڊيءَ ڪامُن
ساين لامُن
تي خوش هوندو آهي؛
ٽٽر ٻولڻو سوا خدا جي
ڪوبہ نہ سگھندو ڦاهي.
اُن کي ڇو ناشاد ڪرين ٿو
ڇو نہ ڪڍھن آزاد ڪرين ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانسرووَر مان جنهن سنڌو
وهندي ايندي آهي،
پوءِ ڪراچيءَ تائين پهچي
ساگر سان هڪ ٿيندي آهي،
تنهنجي لاءِ ڪويتا منهنجي
اُتن ڳائيندي آهي؛
شال اُنهيءَ جو پنڌُ سُڄاڻين!
شال چڱيءَ پر تون هي ڄاڻين،
مانسرووَر ڪانهه هجي جيءَ
سنڌو ڪجهه به نه آهي
سنڌو ڪجهه به نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات پڇر ڪائي پڪار
جڻ سڏيندي ٿي رهي!
”آٽ! آٽي لٽ! آٽ آٽي لٽ! جي ٻه آهين ڏينهن چار،
”اوچتو مهمان ٿئي ٿو، موت تي ڪهڙي ميار!
”ڪو نديءَ جو آنت ناهي، ناو ٻڇڙي آهه پار،
”روز پوئين رات آهي، عمر پنهنجي ايئن گذار!
رات پڇر ڪائي پڪار،
جڻ سڏيندي ٿي رهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

اڄ تون مان ٻن شعلن وانگر
هڪٻئي منجهہ سمايا آهيون؛
ڪيڏو دُور پرائيءَ ڌرتيءَ
تي هئن ويجهو آيا آهيون!

دل تہ چوي ٿي سارا ويڇا
ياڪر پائي رڪش ڪريون ها،
سانگ سياست جا آهن جي
تن کي ڪانا ڪکش ڪريون ها!

ڪيڏي اَڄ اسان ۾ آ، پَر
چاهيون ٿا تہ ٻہ ڪونہ ملون ٿا
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي
ڇونہ ملون ٿا؟ ڇونہ ملون ٿا؟

سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مون کي آيا آهن،
هن دنيا ۾ ڪيئن نہ پنهنجا
هڪٻئي لاءِ پرايا آهن!

هي سوچي افسوس ٿئي ٿو
ُهر ڪنهن کي پنهنجي ڌرتي آ!
ُپنهنجي ڌرتيءَ لاءِ ٻہ ورِيڙا
ُڇا ڪنهن دنيا ۾ ورتي آ؟؟

— —

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

ڪٿين ٿو ڪاتارَ
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟

منهنجا مارو ڪيترو
رهندا مونکان ڌار؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟

منهنجي ويڙهي ۾ وَڙي
ٽيڙندا ڪڏهن تارَ؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟

ڦرندا پيٽَ مليرَ جا،
ڏؤنرن پيَريا ڏارَ؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟

مون جو چاهيو سو ڪڏهن
ڏيندين تون ڏاتارَ؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟
ڇا تون پنهنجي منَ ۾؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ساٿ ۾ پنهنجي ٿـو نـيان
اي چنڊ! تنهنجي ناوَ کي.
پاڻُ دنيا کان کسي ٿو پاڻَ کي واپس ڏيان،
ساٿ پنهنجـي ٿـو نـيان
اي چنڊ! تنهنجي ناوَ کي.
ٿانءَ پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيترو ٿو مان ٿيان!
ساٿ پنهنجـي ٿـو نيان
اي چنڊ! تنهنجي ناوَ کي.
ٿي وڃي هيءَ ناوَ اڳتي ڪنهن ڪپر تي هوريان،
ساٿ پنهنجـي ٿـو نيان
اي چنڊ! تنهنجي ناوَ کي.
ڪاش! تنهن ڪنڌيءَ لڳان، تو آءُ جنهن جي لاءِ جيان!
ساٿ پنهنجـي ٿـو نيان
اي چنڊ! تنهنجي ناوَ کي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

اهڙو وقت اچي ويو آهي
جڏهن خدا ٻيهر سوچي ٿو،
’ڇا مان هيءَ تخليق ميٽايان؟
هر شيءِ منهنجي وس ۾ آهي
ڇا مان هي زنديق ميٽايان؟
جن مون کي چڻ ڀاتو آهي.
آءٌ ازل جي تهخاني ۾
جيڪي مٽي ۾ لڪايا آهن
سي هي چڻ ٻي آيا آهن
هرڪوئي مدماتو آهي!‘
پر سوچي ٿو،
’هي نه رهيا ته ڳجهارت منهنجي
ڪير سليندو؟
ڪوبه هنن جهڙن ناهي جيڪو
ڳاهون ڏيندو؟‘
پو ڪجهه سوچي، منهن موڙي ٿو؛
وقت اچي ويو ڪو ٻوڙي ٿو
خواب حياتيءَ جو ٽوڙي ٿو.

---

●

ڇا آها گهڙي آئي
خواب زندگانيءَ جو
جنهن گهڙيءَ ڏٺو آ؟

ڇا آها گهڙي آئي؟
شاعريءَ جو پورهيو
ڇا اياز ڪٺو آ؟

گيت مات ٿي ويندا
ڪي صديون اڳي وانگر؟
سنڌُ چُپ ٿي ويندي؟

شاعريءَ جي وَل تي
رات جو لڪي شبنم
بيحساب روئيندي؟

نيٺ ڳَل ڏڙي پوندا
خواب زندگانيءَ جو
اوچتو جُڙي پوندو؟

مون جيان نئون شاعر
نيٺ گيت ڳائيندو
سلسلو جڙي پوندو؟

●

ڪنهن ڪتاب وانگر اڄ
در کليل پيو آهي،
باغ يادگيرين جو
سانوڻيون سميٽي جڻ
اڄ جهڪيل پيو آهي!

ياد ٿيون اچن مون کي
ڪيتريون نه دل واريون!
راتڙيون گذاريون جن،
ڪالهه منهنجي ٻانهن ۾
اڄ ڪٿي آهي پياريون؟

ڇپ سڀ ڪٿي آهن
جي ڇڪين سا ڦٿندا ها؟
اڄ ڪٿي آهي بازو
خواب زندگانيءَ جا
جن جي ياڪرين پيٺي،
رات پر نه ڪٽندا ها؟

ڪيترا نه گل آهن
مون چني وتا يارو!
پو به رنگ و بو تن جا
جڻ اچان ويا ناهن؛

وقت ڪاڻ اُهي آهن
مون پنهي وتا يارو!

شاعريءَ ۾ تن ڪي
تازگي ڏني آ مون،
چنڊ چنڊ کي پنهنجي
چاندني ڏني آ مون
موت ڪاڻ ڪسي تن ڪي
زندگي ڏني آ مون.

●

نيٺ ننڍن درختن جئن
جي ڪري پيا آهن،
آءٌ ختم ٿيڻو هان؛
سخت پٿرن وانگر
واءُ ۾ هڏا منهنجا
سڄ چنڊ جي هيٺان
نيٺ ٽوٽ ٿي ويندا؛
نيٺ زندگانيءَ جي
هڪ اٽوٽ حصّي جو،
ختم جو نه ٿيڻو آ
تنهن عجيب قصّي جو،
آءٌ باب ٿي ويندس؛
جو ننڍي نه جڙڻو آ
سو رباب ٿي ويندس—

يا اِهو رباب آخر
ڪنهن طرح جُڙي پوندو؟
گيت ڪو نئون ڇيڙي
وقت ڏي مڙي پوندو؟
وقت جو آبد آهي
ڪا نئين گهڙي ٿيندو،
موت زندگي ٿيندو؟
مان ته هي رڳو ڇاٽان،

ڀڻ ۽ اِها، اِهي ڀاڱان!
جيترا بہ گيت آهن
ڪاش آءٌ ڳايان هان،
ٻاغ ٻاغ مان گلڙا
مان چُني ورهايان ها،
رنگ رنگ سان تن جي
زندگي سجايان ها،
موت ڪان اڳي وايون
مينهن جئن وسايان ها،
پيار جي پلئہ پيا ها
سي امر بڻايان ها
ڪاش آءٌ ڳايان ها!
ايترو تہ ڳايان ها
موت کي مِٽايان ها!

●

جيترو ڳنڀير آهيان
اوترو آسان ناهيان.

زندگي طوفان آهي
موت خاموشي رڳي آ؛
زندگي ڳويا ٻڪي آ
تنهن ٻه-واٽي تي جتان ڪو
هيل تائين نانهه موٽيو!
چڙهه ته هرڪو جنگ جوٽيو
وقت کان ٿو هارَ ڪائي،
نيٺ پنهنجي مات پائي؛
ڪير پنهنجي ذات پائي؟
ذات جا اڳتي وڃي ٿي،
ذات جا انسان آهي،
ذات جا طوفان آهي،
ذات جا آخر خموشيءَ تي ڪُٺي ٿي
ٻاهران ڏسجي ته آن جي
موت تي هر لٽي ڏٺي ٿي،
ذات پر اڳتي وڃي ٿي
سڀ صفاتن کي ڇڏي ٿي،
لوءِ ٻي ڪنهن ڏي لڏي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

دور شفق جي مينارن تان
مون لئه ڪوئي سَڏُ اچي ٿو؛

ڌرتيءَ تي ديوارون آهن
پوءِ به مون لئه روڪ نه آهي،
مون دنيا سان پيار ڪيو آ،
پيار مٿان ڪا ٽوڪ نه آهي.

ڪيڏا ڇَپَ اڏارن وانگر
جي پنهنجي رَس منهنجي منهن ۾
ڇلڪائي ويا، ياد اچن ٿا!
هي منهنجو آغوش چمن جئن،
اُن ۾ جي گل آيا، اُن کي
مهڪائي ويا، ياد اچن ٿا؛
تن جو سنگ ته پيارو آهي
پر مون لئه ڪو چارو آهي؟

هي جو مون کي سَڏُ اچي ٿو
دور شفق جي مينارن تان،
جن تي اِئن ڳاڙهاڻ لڳي ٿي
رَتُ ۾ ٻُڏل ارمان هجن جئن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـوت تـي کهڙي ميار

جئن اچي، جاتي اچي.
ڳالهه آهي زندگيءَ جي نوڙ ٽائين ميچ نه هار!
مـوت تـي کهڙي ميار

جئن اچي، جاتي، اچي.
جو چوڻ چاهين چئي ڏي آهه. چڻ پوئين پڪار،
مـوت تـي کهڙي ميار

جئن اچي، جاتي اچي.
اوچتو، وچندي ڪري پوندءِ ڪڏهن همٿ مان ستار؛
مـوت تـي کهڙي ميار
جئن اچي، جاتي اچي!

---

راتڙي آهي اڃان
ٽا اڃان مون تي پرن
ڪيترا ڏيئا مٽان!

ٽا ستارا آپ مان
هيٺ حيرت مان تڪن
آءٌ ويٺو ٿو لڪان!

ڪو پکي جاڳيو نہ آ
ڪاڻ چوُن چوُن ڪانہ آ
ڪاڻ مان مان ڪانہ آ
ڪاڻ تون تون ڪانہ آ!

ڪيترو خاموش آ
زندگيءَ جو شور و شر آ
ڇو تہ ڪنهن درياهہ تي
آهہ جاري هي سفر،
ناوَ پنهنجي سير تي
تي وڃي اڳتي اڃان!
آءٌ ويٺو ٿو لڪان.

آءٌ ڪنڌيءَ تي پڇان،
هي تہ ڪنهن ڇاڻو نہ آ،
هن سفر جو انت ڇا؟
هي بہ ڪنهن پاڻو نہ آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه ڪنهن طوفان جي
هيءَ هُئي گهيراوَ ۾
اَڄُ به اَپري ڪا گهٽا
ٿي اچي جهڻ ناوَ ۾!

پار تنهنجي ڏي پرين
ڪيستائين مان ڏسان؟
ڪيستائين هي سفر
سِيرِ ٿي جاري رکان؟
ڪيستائين مان اچان
هي سفر جاري رکان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

گيتُ سَمَنڊ سان ڇٽندو ناهي
وقت انهيءَ جي اوڏو ناهي؛
گيت هوا ۾ ڇوڏو ناهي
جنهن کي سيءُ سُڪائيندو آ،
گيت سدا خوشبو ڏيندو آ،
راڳي کو آدرش انهيءَ ۾
جي ٻوليءَ کي آڇيندو آ،
گيت اهو ٻيو وٽندو آهي،
گيت سَمَنڊ سان ڇٽندو ناهي.

●

موت جڏهن مهمان ٿئي ٿو
ڪوئي اُن کي ڪيئن ٽاري؟

پوئين چند هوا ۾ آهي
ڳهاٽُ اڄان سنسان لڳي ٿو؛
ڪائي ڳونج فضا ۾ آهي
ڇا منڊر ۾ گهنڊ وڄي ٿو؟
مون تہ اڌورو گيت لکيو آ
دل ۾ سؤ جذبات اُٿي ٿا
ڪيئي وايون ترسيل آهن
هڪڙي وائي وات اچي ٿي.
دروازي تي ڪَـنَّ ڏيان ٿو
ڪائي ٺڪ ٺڪ ڪانہ ٻڌان ٿو،
'ڪوبہ تہ ناهي، ڪوبہ تہ ناهي'
ڪنڌ جهڪائي آءٌ لکان ٿو.

منهنجي پرسان هي نقشي آ
۽ هي شوپنهار بہ آهي
۽ هي ٽالسٽاءِ بہ آهي،
۽ هـُن جو سنسار بہ آهي،
۽ تن سان پيا ڪيئي آهن
جيڪي اَڄ بہ زندهہ آهن
(نظم اڄان ناظم حڪمت جا
تُرڪيءَ ۾ تابنده آهن)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڇرڪان ٿو ڪجهہ سارِي—
ڪوئي ان کي ڪٿن ٽارِي
موت جڏهن مهمان ٿئي ٿو
ع جيڪو بدذوق بہ آهي؟

---

●

چاڙهي ڀُوري ٿي، لاهيءَ ۾
ريل وڃي ٿي اونداهيءَ ۾،
ڏُور ڪٿي فانوس ٻرن ٿا
شايد ڪا اسٽيشن آهي!
پر هيءَ منهنجي منزل ناهي،
ڏُور اڃان وڃڻو آ مون کي؛
ڏاڍو ڏُور اُتي لهڻو آ
هارَ جهلي مون لئه مُرڪن جا
پيارَ! جتي تون بيٺو هوندين
منهنجي واٽ تڪيندو هوندين.

---

سج لهي سانجهي ٿيو، هي اونداها تَر!
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!
ڪِئن ڇئجي ڪونجون ڪنڌيون کهڙي وير وڳر!
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!
ڪهڙُ ڇئي ڪنهن وقت هي، سونا ٿيندا سَر؟
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!
تون تہ اڃان آيو نہ آن، ها، پر ڪولي دَر
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

•

پکي پرهه جا چُون چُون ڪن ٿا
باک ڦٽي آ، آءُ لکان ٿو:

ڇا هي پويون گيت ته ناهي؟
ڪڏهن هوا دروازا کولي
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسيءَ تي ڳولي،
'مايوسيءَ سان موٽي' ويندي،
منهنجيءَ ميز مٿان سڀُ ڪاغذ
پکڙيل هوندا، آءُ نه هوندس!
گيت اڌورا، آءُ نه هوندس!
۽ پيو ڇاڇا، آءُ نه هوندس....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمعدان جئن
هر گهر آهي،
جدا جدا هر شمع ٻري ٿي
ڪائي ڪافي دير ٻري ٿي،
ڪائي جلد اُجهامي ٿي
پوريءَ ريت نہ ڪامي ٿي.

نينگريون جو ڇهڪن ٿيون،
شمعدان ۾ ڪيئي شمعون
ٻهڪن ٿيون؛
پو بہ اُجهامڻ ڇڏ تہ آوَس آ!
هي جو ڳَس آ
اونداهيءَ جو
تنهن لاهيءَ جو
جنهن تي سڀڪو گهيرڪي ويندو
آن تي ڪنهن جو ڪهڙو وَس آ؟
(لاهي تاابد آهي يا
نيٺ اُنهيءَ جو ڪو تَر ايندو؟)

ها، پر هيءَ حقيقت آهي
هرڪا شمع اُجهامي ويندي،
دير گهڻي يا ٿوري، ليڪن
ٻرندي انت وسامي ويندي.

●

چورن وانگر
خوب خزانا
ڏينهن رات جا
تون مان ساري عمر ورهايا،
پوءِ به سارا سانگ آجايا!

رُت آئي، رُت ويئي، پنهنجا
رنگ رنگ جا ٻوٽا آٿي؛
چنڊ لهي ويا، راتيون گذريون
روز سڳندن جهوٽا آٿي:
تنهنجا وار اڇا ٿيندا ويا،
منهنجا وار به اڇا آهن
(ها پر تنهنجي سِر تي پياري
چڻ سونهي جا لڇا آهن!)

عمر، علي بابا جي سِر سِر
سڀ کان نيٺ وسرڻي آهي؛
ڪو به خزانو دائم ناهي،
وڃڻو آهي نيٺ ته سڀ ڪي

چورن وانگر،
موت اڳيان شهزور نه ڪو
شهزورن وانگر!
جيڪي جندڙيءَ کي چنبڙن ٿا

چوڙن وانگر،
سي بہ تہ آخر وڇڙيا آهن!
سي بہ تہ آخر وڇڙيا آهن!

ڳذري رات ڌري ويا ٽيڙو
واهيرن مان پکڪ پکيڙو
ٻاهر نڪري ٻوليون ڪن ٿا
آسٽر وڍيلَ الوليون ڪن ٿا.

ڳايون جاڳيون ڳوالا جاڳيا
ڌرتيءَ جا رکوالا جاڳيا
پورب جو رڱوان وڏي ٿو
واڳون وارڍي سنگهارن ڏڍي،
چڱ ڇڙن جي لار اچي ٿي
ڍور وڃن ٿا واهارن ڏي.

هاڻي تنهن کي وارڍي ڇڏ تون
بهتر آ ته وساري ڇڏ تون،
منهنجو هر ڳڻ ۽ اؤڳڻ، جو
ڌرتي توسان واڳيو آهي!
جڳ سڄو مان جاڳيس، هاڻي
آءُ سمهان جڳ جاڳيو آهي؛
مون کان پوءِ به دنيا هلندي
پوءِ به هي جڳ ساڳيو آهي-

منهنجي لاءِ ته هي سڀڪجهه آ
هيءَ وڍينا ڳهرَ ياتي آهي،

ساري رات وڄائي جيڪا
مون جڳ ۾ ٻيٽي ڳاتي آهي،
هاڻي جا سيرانديءَ ۾ پنهنجي
آءٌ رکي اک لاتي آهي؛

مون کي اُن جو اُلڪو آهي،
اُن تي ڪجهه به نه ميرو آهي
پوءِ به اُن کي صاف ڪريَ ڇڏ!
هاڻي مون کي معاف ڪري ڇڏ،
توتي ڪابه ميار نه آهي-

رات پير ڪائي پُڪار
ڇڻ سڏيندي ٿي رهي!
اَٽ! اَٿي لڪ! اَٽ اَٿي لڪ! جي به آهين ڏينهنَ چار،
اوڇتو مهمان ٿئي ٿو، موت ٿيبي کهڙي ميار!
ڪو نديءَ جو انت ناهي، ناوَ پڇڻي آهه پار،
روز پوئين رات آهي، عمر پنهنجي ايئن گهار!
رات پير ڪائي پڪار
ڇڻ سڏيندي ٿي رهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

هي جيڪي ناسور ٿمن ٿا
تن کي ڪو ٻہ چٽائي ڏسندو
ڪوئي درمان نيٺ تہ ايندو!

توڙي ٻاڻ نہ هونداسين پر
پنهنجي ياد تہ هوندي ان سان
اهڙو انسان نيٺ تہ ايندو!

نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

●

سينٽ سينٽ ۾ پُشڪن
جڻ وهي پئي نيوا!
ڪيتري رواني آ،
جڻ ته ڪنهن نديءَ وانگر
پنهنجي زندگاني آ!

برف سان ڪڏهن ڇانيل
آهه وهڪرو ان جو،
چنڊُ جيئن نيوا تي
رات ۾ ڊسمبر جي
ڪونه چِلڪندو آهي؛
ائين ڪڏهن ته بوليءَ کي
ڪائي بي‌زباني آ،
برف تي رجي ليڪن،
پو ته چا رواني آ!

بول بول جون ڇوليون
چنڊ کي ڏئي لوليون
جڻ ته پيئون ريجهائين!
سينٽ سينٽ ۾ پُشڪن
جڻ وهي پئي نيوا!

---

پشڪن ـــ روس جو عظيم شاعر
نيوا ـــ نديءَ جو نالو، جا لينن گراڊ مان وهندي آهي، جتي
پشڪن رهندو هو.

٭

سنگ مرمر صورتون
تي جڏهن پيدا ڪري،
ڪانهِ تي تن ۾ پَري
جا سچي جذبات آ،
تن اندر جا تات آ
لونءِ ۾ تي جا لُڇي،
چُپ" هوندي تي ڪُڇي،
ڇڻ تہ هر ڪنهن کان پڇي
ايترو انياءُ ڇو؟
ايترو آ وقت جو
ٿورڙو ڦهلاءُ ڇو؟
فن جي سڀ حاصلات
وقت تي آ منحصر؛
زندگي پر مختصر
تي ڪُٺي اک پوٽ ۾؛

هاءِ اي ليوناردو!
ڪير ٿو پيهر وَري؟
سنگ مرمر صورتون
تي جڏهن پيدا ڪري،
ڪانهِ تي تن ۾ پَري
جا سچي جذبات آ—

ليوناردو – مغرب جو مشهور مصوّر ۽ صنم تراش.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

●

قرطبه ۾ تا لٿن،
لورڪا جي لاش کي—

ٿون نه ڇاڻين اي ادا
هيءُ منهنجو ياءُ آ!
شاعري جڻ ماءُ آ!
ٿيچ سُ پيٽي آ اسان
جڻ ته ساڳيءُ ماءُ جي!
سارو مون کي ياءُ جي
اڄ به هرهر ٿي اچي.

لورڪا جي لاش کي
قرطبه ۾ تا لٿن—

ڪنهن به فاشيءَ جيڀي ڪيٽي
آ جڏهن گولي لڳي،
آءٌ ياڻيو آ اِئين
جڻ ته منهنجي هانوَ ۾
آ تڏهن گولي لڳي؛

شاعري ٻولي نه آ،
شاعري انسان جي،
سچّ لئه جذبات آ؛
شاعري سا ڌات آ
جا سدا بيچئن آ
ڪوڙ جي ڦهلاوَ تي؛

ٽي جڏهن گولي سهي
ڇڻ ته منهنجي هانوَ ۾
ڏَڪَ ان جو ٿو لڳي؛
وقت مون لئه فاصلو
ڪونه ٿو پيدا ڪري؛
ڇڻ ته هو فاشي اچان
لورڪا جي لاش کي
قرطبه ۾ ٿا لڪائن.

---

اسپين جي فاشي آمريت آزادي پسند شاعر لورڪا کي قرطبه ۾ ماراڻي، ان جي لاش کي لڪائي ڇڏيو هو.

●

آءٌ وڪرم آهيان
آءٌ ڪاليداس* پيي—

چڻ تہ منهنجي اُروشي،
جنهن بنان هي زندگي
بيسبب، بيڪار آ،
ڪا گهڙي مون وٽ رهي
دور آهي، ڏار آ!
ڪيترو دن رين مون
ياد آ هن کي ڪيو!
ڪيترو هن کي چيو
آءٌ موتي آءٌ تون،
تي ڏکڻ جي واءٌ تون!
ڪنهن بہ هن سنسار ۾
ايترو ڪنهن کي اڃان
ناهہ آندو سار ۾،
ايترو، جو آءٌ چڻ
پاڻ آهيان اُروشي،
آءٌ جو وڪرم بہ هان
آءٌ ڪاليداس پيي.

---

* ڪاليداس جي ناٽڪ وڪرم اُروشي ڏانهن اشارو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

* ڪاليداس آجهين ۾
پوڇي پيو مورتي –
چڙنڊي پرنڊي مورتي –
'هيءَ جا آهي آروشي
'هيءَ جا آهه شڪنتلا
'وَلين جئن وچڙي وَيون ·
'جنهن جون ٻانهون رات جو،
'جنهن جون پياريون ڳالهڙيون
'ويلو جئن برسات جو،
'پوءِ ٻه هيءَ رهڻي نه آ –
'جي ڪَٿهه ۾ ڪَٿهڻي نه آ
'جنهن ۾ سڀ ڀڳڳ ٿا ڪَٿهن
'(آخر ماڻهو ڪئن رهن؟)
''آن مان ناهيان مورتي
'هائو ڪائي آروشي
'هائو ڪا نه شڪنتلا.'

---

* ڪاليداس جو منڊر آجين ۾ آهي

ياد اچي ٿي ڪا تصوير
(ازراپائونڊ ويٽنس ۾)

هي جو مٽيءَ هڏن جي آهي،
ڏيئي ٽيڪ ڇتيءَ تي پنهنجي،
هي جو پٿر تي ويٺو آهي،
ڇاٽو سوچي؟ ڇاٽو چاهي؟
مسولنيءَ جو لاش هوا ۾،
اڃان پيو ڇا لڙڪي هن لاءِ؟
اڄ به فاشي بوٽ اچن ٿا
ڇا ڌرتي ٿي ڌڙڪي هن لاءِ؟

مٺي آهن
سڀئي ماڻهوءَ جا منصوبا،
هاڻ ڪٿي هو فاشي آهن؟
وحشي ڪتا،
ڪالهه آطاليه ۾ گذري جيي
هرڪنهن کي هيسائيندا ها،
ڏيهه سڄو ڏهڪائيندا ها؟

هو جو شاعر پاڻ به آهي
بوءِ به منهنجو ويري آهي
بي ڪنهن دگ جو پيري آهي
هن کي ڪنهن تاريخ نگي وئي؟

ڇرڪايو هن جي تقدير
ياد اچي ٿي ڪا تصوير
'ازراپائونڊ وينس ۾'

---

نوٽ: ازراپائونڊ جو مغربي شاعريءَ ۾ اهو درجو آهي، جو مصوريءَ ۾ پڪاسو جو آهي؛ پر هو فاشسٽ هو ۽ ٻيءَ جنگ عظيم جي هلندي، روم جي ريڊيو تان مسولنيءَ لاءِ تقريرون ڪندو هو. ١٩٤٥ع ۾ آمريڪي حڪومت هن کي گرفتار ڪري، ديوانگيءَ جي الزام هيٺ قيد ۾ رکيو ۽ غالباً ١٩٦٠ع کان ٻه سال اڳي ڇڏي ڏنو هو، ۽ هو وري اٽليءَ ۾ اچي رهيو هو.
وينس (Venice) — اٽليءَ جو هڪ بندر

●

* 'فيض'، 'حڪمت' ۽ 'نرودا'*
پيا به ڪيئي يار آهن
جي ويا ٻي پار آهن؟
ننڊ جي آغوش ۾ آرام ڪن ٿا،
نيڻ خالي جام ڪن ٿا
زندگيءَ جو؛
ذڪر تن جي شاعريءَ جو
ٿي جڏهن محفل ڪري،
زندگاني ٿي ٻري
ڄڻ ازل جي آڳ سان،
جو اُنهن کان پو به آهي
جيئرو، تنهن راڳ سان.

مان به تن وانگر ڪڏهن
موت جي آغوش ۾ ويندس جڏهن،
ڇا تڏهن
فيض، حڪمت ۽ نرودا
يار منهنجا
چوطرف ڪنهن چانڊنيءَ ۾

* فيض — فيض احمد فيض
حڪمت — ناظم حڪمت - ترڪيءَ جو انقلابي شاعر
نرودا — پبلو نرودا - چليءَ جو انقلابي شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشنيءَ ۽ روشنيءَ ۾
اوچتو ويندا ملي مون سان ڪٿي؟
ياڪرين پوندا ڪِلي مون سان ڪٿي؟
يا انڌيرو انت آ؟
ڇا انڌيرو انت آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

پاڇاوَن ۾ روشنيون ڇڻ
سِجُ ولين جئن چاڙهيون آهن،
ناظم حڪمت جي نظمن جئن
ديوارون سڀ ڳاڙهيون آهن.

مارمَرا* ۾ ڪيئي ڪشتيون
پريان ڇڻ پَرمارن وانگر؛
استنبول جا سارا رستا
ڪنهن ماريءَ جي چارڻ وانگر،
سچ ٻڌ آ، مان سوچان ٿو
ڇا ٻيي ٻُر ڪي ٿهڻي آهي؟
ناظم حڪمت جي نظمن تان
نيت ته بندش لهڻي آهي!

---

* مارمَرا — سمنڊ جو نالو، جو استنبول سان لڳي وهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سنجها جي جوت هيئين ۾
ڪيڏي هُرڪُر آڻي ٿي!
ڇڻ هي جندڙي ڇاڻي ٿي،
ڌرتي نيڻ وسامي ويندي،
هن دنيا ۾ هيءَ حياتي
منهنجي لاءِ مدامي ويندي.

* هو قونيہ ۾ رقص ڪرن ٿا
* رُومي ابدي ننڊ ڪري ٿو؛
* هتي بال جئن آيري ڪوئي
هن ڌرتيءَ تي پير ڌري ٿو
پو بہ مري ٿو.
ڪوبہ نہ ڇاڻي اڳتي ڇاهي!
ها، پر هي بہ حقيقت آهي
ترڪيءَ ۾ طوفان گهلن ٿا،
پوءِ بہ هُو درويش جهلن ٿا!
رومي اڄ جئن زنده آهي،
صديون گذريون پوءِ بہ اڄ پي
سچُ جيان تابنده آهي.

---

* قونيہ ـ ترڪيءَ جو هڪ شهر
* روميءَ جي مزار قونيہ ۾ آهي
* بربريت جو مظهر جنهن روم کي ميٽايو هو ۽ جو قونيہ ۾ پوريل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نہ هيلين آ تہ، هومر آهہ ڀلو يونان ڇا؟
زندگيءَ ۾ شاعري ناهي تہ، پو انسان ڇا!
حسن تي ايمان جي ڪونهي تہ پو ايمان ڇا!
ڪنهن نہ چاتو آ تہ آهي عشق جو ارمان ڇا!
ڪنهن نہ چاتو آ تہ، آخر درد جو درمان ڇا!
ٻُڪ هڪڙي ٻُڪَ ناهي، تون گهرين ٿو نان ڇا؟

•

شوپنھار چيو آ، 'دنيا
ساري ڪاوش من جي آهي.'
روح ازل کان خواب لهن ٿا
ڌرتيءَ تي مهتاب لهن ٿا
۽ پنهنجي چانڊوڪي ڏيئي،
آسمان ۾ دور وڃن ٿا؛
هي ماڻهو جي گيت ڏين ٿا،
پٿر ڪاٺي مورتين کي
پنهنجي جڳ تي جيت ڏين ٿا،
يا ڏِن وٽ ڪي سپنا آهن
جي ڪاڳي تصوير ٿين ٿا،
ماڻهو جي ابناسي آهن،
هن ڌرتيءَ جا باسي ناهن،
هُو اهڙا شهباز ٿين ٿا
جن لئه موت ٻه جهرڪي آهي—

شوپنھار چيو آ 'دنيا
ساري ڪاوش من جي آهي.'

———

شوپنھار — هڪ مغربي فلسفي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لاطيني آمريڪا جي هڪ انقلابي پادريءَ جو گيت

نيڻ ايندين، نيڻ ايندين!
تون اگر منهنجو يسوع-
جو ڪيو آ مون شروع
توڙ تائين ساٿ نڀائيندين!
امن جو پيغام منهنجو
جيستائين عامُ ٿئي،
آفتاب آپري اچي،
۽ تيرگي ڪوئي خيالِ خام ٿئي،
تيستائين مان نہ رهندس،
دور ڪڍندس
آسمانن،
ڪهڪشائن
کان پري؛
پر اِها تشويش رهندي
هيٺ ڌرتي تي ٻري؛
هيٺ ٻاهيون ٻرنّ آهن،
۽ جلايل چمنّ آهن،
يا ٻڪايل پيٽَ آهن،
يا ڪرا ۽ کيٽَ آهن
چار ماڻهو جي کڻن ٿا،
رزق تي ڌاڙا هڻن ٿا؛

تون اگر منهنجو يسوع
روشنيءَ کي ساٿ نيندين،
سج وانگر ٿي طلوع
آدمي آغوش ۾ سارا ڪري،
جنگ کان تن کي ڇهلينديندين،
امن جو پيغام ڏيندين،
ٻُڪڙ لاهي، ڏُکڙ لاهي،
سُکڙ هرڪنهن لاءِ چاهي،
تون وري مصلوب ٿيندين
۽ مري محبوب ٿيندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

دارا سان تہ نڀائي سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

دارا ڪو دم ايندو آهي
پيڌُ آنهيءَ جو پائي، سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

ٻيو تہ پلئي گهنگهور گهٽا جئن
هن ڪان چنڊ لڪائي، سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

وڄُ جيان تلوار ڪنوي ٿي،
چا اڄ ڪنڌ جهُڪائي، سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

نيٺ ته ايندو
نيٺ ته ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تـه ايندو!

جيڪو ڪيئي قـول قـرارِ ڪري
ڏرتـيءَ تـي هيڪارون ٿيندو،
اهـڙو بـاران نيٺ تـه ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ ته ايندو!

رنگ و بوءِ يلغار ڪندا چوڌر،
صحنِ چمن ۾ رقصان رقصان
مجمعِ ياران نيٺ تـه ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تـه ايندو!

ڪنهن ڇهري تي ياس نه هوندي
هيڻن نـه ويندي عمـر اجائي
اهـڙو امڪان نيٺ تـه ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تـه ايندو!


هـي جيڪي ناسور ڏمن ٿـا
تـن ڪي ڪو تـه ڇتائي ڏسندو
ڪوئي درمان نيٺ ته ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تـه ايندو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي ٻاڻ نہ هونداسين، پــــر
پنهنجي ياد تہ هوندي ان سان
اهڙو انسان نيٺ تـــہ ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تـہ ايندو!
نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترو ڳوب نہ پاڻءِ!
ڪوٽ مٿاهان ڪنگرا
جهوري وڌي جهاڻءِ!

ساڳي يا ٻي ڪا؟
ڪاري ڪڪرن ڪالڪا
اڇي ٻيڻي ڪا!
........

پنڌ ته ڏاڍو ڏورُ
ٻه هي ماڪيءَ جو مکيون
ٻه هي انڌن ڀورا!
........

ڪجهه مٿان چنڊ،
آن جي مٿان نيرڙو
ڪيڏو اونهو مند!
........

بس، ڪا دير فضا ۾،
پٿر لڳي ٿو پوڻون
ڦڪو چنڊ هوا ۾!
........

ڪهڙو رهبر تون؟
ساحل تي ٿو روڪيون
ڇولين جون واڳون!
........

گهٽي دير اڃان؟
چڙهنگ اڃان پر گهٽ نه ٿئي
سنڌل گاهه منجهان!
........

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڇاڏين ٿو؟ مان
ڳچيءَ تائين رتُ سان
ڀريل پيالي جان!

........

هُن سان ڇاتيءَ لاءِ —
آءٌ، سُهاڳڻ ننڍڙي
مون کي ڀيرُ پساءِ!

........

تو ٻن، نيڻن تي،
ڳوڙها منهنجا شمع جان
منهنجن پيرن تي.

........

مٿان سيءَ وسن،
لِڱن نه لوئيءَ هيروان
کهڙي پُرجهه پتن!

........

هر ڪِي ڪيچَ ڪَٽن،
او شل ڪونجن وانگيان
وَرو ڏيهه وڻن!

........

’اڄهو وهاڻي
’رات وڃي ٿِي ريل جئن‘ —
هيمون ڪلاڻي.

........

ساڳيو سائو وڻ‘!
ساعت اڪ نه نڪري
منهنجي تو مان ڇڻ‘!

........

ناري! پَلو پيڙو—
مُوري، اِندُرَ، اگنيءَ
سيني سان جهيڙو!

........

پنهنجي پيارَ جيان
پوپٽڙو، رَتُ ـ پنکيو
تنهنجي سارَ جيان!

........

اڃان تنهنجو نانءُ
اڄ بہ آئين ٿو وٺي
اڱڻ مٿان ڪانءُ؟

........

ڪنهن جي لئہ آتا،
ٻانهن چوڙا رَتڙا
وري ٿو پاتا؟

........

ٽَٽيي! ڪاٿي تانَ !
سجُ وَڃي ڪنهن دَفنَ جِئن
ساڙي ماڳَ مڪان!

........

جدائيءَ جو ڪَرتُ ـ
پکي ڏڻ پاندڙا
آرهي، ڪٽي آرت!

........

ڪيئن گهٽ نہ پانءِ!
ڪوٽ مٿاهان ڪُنگرا
جهوري وئي جهانءِ!

........

ٿا ڪيڏانهن وڃن؟
جن لئہ ڏيئي ڏُڪرا
راتيون ريهان ڪَن؟
.......

ڳذري ويا ڇا ڇا
سڄاول جي پَلَّ تان
پاڻيءَ ۾ پاڇا؟
........

ڳهرا سارا ڳوٺ ـ
ڏونگرَ ڏياٽيون ٻريون
ڪارونڇهر جي ڪوٺَ.
........

تو نہ نباهيو نينهُن
* تلسي اڄ پرديس ۾
ڪنچن برسي مينهُن.
........

اڃان نہ آيو ڍولُ!
اڄ بہ اجايو ٿو وڃي
مانڪُ جنم امول!
........

ورڪا واريءَ تي ـ
تو جو ٻولَ ٻهون ڪيا
پيارا واريءَ تي.
........

* تلسي ڏيهان نہ جاڻيي ڪنچن برسي مينهن
(تلسي داس)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڄ به ڇمڪن ٿا
ڪيڏي ساوَڻ مينهن ۾
گجَ گهگهيرين جا!
........
تنهنجي ياڪر ۾ـ
سيڙهه سڏائي واءَ ۾
ڇڻ ڪو ڪينجهر ۾!
........
جهروڪا جيءَ جا،
نوري! تو لئہ ٿا تڪين
تنڙَ تماچيءَ جا.
........
ڇو تون ايندينءَ ڪيئن؟
سوڙهو مڪتيءَ دوار آ
راڌيءَ داٽي جيئن!
........
آهي ڏي وايون!
پوُنگا، پينٽون، سجَ جون
پويون پرڇايون.
........
آهي ڏي وايون؟
دانهون، ڪوڪون ديس جون
اڃان آجايون!
........
اڃان ڏيهہ ڏچن!
ڪيتيون ڪُهريون، سيءَ ۾
ويڙها ويڙهيچن!
........

مارڳ ڏور، آويرَ
جهُرن پيئون پنبڻيون
پُرن پيا پهيرَ!
........

ساٿي، او ساٿي!
سَچ ساڄاڻ ڳالهڙي
متان ڪرين ٻي!
........

هُي ٻہ ٽہ پنهنجي ڏُرُ
ڪانگ-ٽڙي ڪي مينهن ۾
باغائيءَ پاڪُر.
........

ڪيڏي مات اڳي؟
* تنهنجي هَر جي ويجهڙو .
چرخي چِٽ لڳي!
........

* * چندن پرسان رَهُہ
جئن تون چندن ٿي وڃين
ڪَٿهہ تون هن ڏي ڪَٿهہ!
........

* اوٿي دياه دے چرکڑا ميرا تے
جٿے تير ے هل وگدے
(بلهے شاه)
* * ڪبير جي دوهي تان ورتل


وڪّ وڏي آ وَٽّ ـــ
ڪَٿي مان ڪجھہ ڪين ٿيي
مورِ ڪُ ڪِٿي ڪَٽَ !

........

اجايو نہ ٻولِ!
هيءَ جا مُڪ جي ڳوڙي
پارڪ اڳيان ڪول!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
سنڌ کي سون آچيو ايڏو سڪار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪي صديون وهندو اِهوئي آبشار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪو آچايو ڪونہ رهندو ڪوبہ يار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو
ڪونہ پوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

وڻجارا ! واپارَ ؟
ڇڏ ته ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

مون مٿن ماروءَ ڏارَ !
ڇڏ ته ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

ڏَنُ نه گهرجي يارَ،
ڇڏ ته ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

هي تنهنجا ويچارَ !
ڇڏ ته ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ماءُ ۽ تنهنجي سارَ،
رَتل ڏانهن رُسي وئين
ڇا لئه منهنجا يار؟

ماءُ ۽ تنهنجي سار،
سڳو وڃ سُرندڙي
وَڄي ويروتار!

ماءُ ۽ تنهنجي سارَ،
رڻ تي راتاهاءِ متان
واريءَ جا وسڪارَ!

ماءُ ۽ تنهنجي سارَ،
اڄ سُڌ به تنهنجي آسري
سارُو ڏينگرن ڏارَ.

ماءُ ۽ تنهنجي سار،
ايندي ڇا آڪاس مان
هماليه هُونگار؟

ماءُ ۽ تنهنجي سار،
پرندي ڪڏهن اوچتو
جبل جي جهونگار؟

---

●

چنڊُ پيو ناريءَ ۾ وهنجي
پرڻي رات ڪُنوار جيان؛
باڪ ڦُٽي آ، ڏينهن اچي ٿو
ڳاڙهي گهوڙي سُوار جيان.

رستي تي هوءَ ڇو ڇرڪي ٿي؟
هيءُ ته ساڳيو ڳيرو آهي!
بيهي ڀيڙيءَ ڪي ناهي ٿي.

---

* ناروــ سنڌ ۾ هڪ واهه جو نالو.

منهنجي عمر ابابيلن جئن
ڪيڏي تيز اُڏاري ڪاٽي
گذري ويئي!
ڪيڏي تکڙ نديءَ ڪي آهي!
ڪيڏو دور ڪنارا ٿي ويا
جن تي ڪالهه آها ڇُلڪي هئي؟
ڪيڏو دور ستارا ٿي ويا
جن سان رات اسان ڪاٽي هُئي؟
چنڊ تہ اڄ“ بہ ڪالهہ جيان آ
اڄ بہ ڇڇهريءَ تي ڪلهہ جهڙي
هو چانڊوڪي ڦهلائي ٿو،
اڳ جئن چيتُ“ نہ پر چائي ٿو!
دنيا؟ سا بہ تہ ساڳي آهي
پر ڇا آءٌ اهوئي آهيان؟
جوئي آهيان سوئي آهيان؟
يا مان اڄ ٻيو ڪوئي آهيان؟

---

[illegible]

هيءَ شيءِ جا روپوش ٿيي

آيـري ٿــي جذبات ۾
لـرزي ٿــي تلوارَ ۾،
تارن جي اک ڇنپ جئن
آ ســاري سنسارَ ۾،
ٻـاک ڦٽيءَ رابيل جهي
ٿـڙيل آهــي ٿـارَ ۾،
هيءَ جا منهنجي گيت جهي
آهـي هر سُر ٿـارَ ۾—

هــيءَ ئي آهــي زندگی
هــيءَ ئي آهــي زندگي!

———

●

اڇڪلهہ ڪيڏا گيت اچن تا
ڪونجن جيئن قطارون ٻڌجي؛
پوئين پهر اچي آ ڳرَ ۾
سهڙيا آهن سارون ٻڌجي؛
ڪيڏو وقت وڃايو آ مون
آيا چڙ تہ ميارون ٻڌجي!
ڇو مون ساريءَ عمر نہ ڪاڙهي
للڪارون للڪارون ٻڌجي؟
ڪهڙو آدر پاءُ ڪيان مان
تن جي لاءِ نهارون ٻڌجي؟
موت اجان ڪا مهلت ڏيندين؟
مون کي ٿورو وقت ڇڏيندين؟

---

●

هو چون ٿا
تون اسان جي سوچ آهين
تون اسان جي لوچ آهين
انت کان جيڪا وچي ٿي آد ناڻين.

مان چوان ٿو
پيا به ساڳي سوچ آهن
پيا به اهڙي لوچ آهن
مان اوهان جا گيت آهيان
زندگيءَ جي جيت آهيان
سوچ ٿورو وقت رهندي
لوچ ٿورو وقت رهندي
آءٌ پانيان گيت هي رهندا سدائين.

——

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

مَٽَّ مـــوڪي ڪول سارا
اَڄّ اڄ ڏاڍي لڳي آ
ڏِسُ تـہ ٽڪجي پيا متارا
اَڄّ اڄ ڏاڍي لڳي آ
چنڊ جي ڪـِشتي وچي ٿـِي
دور پـَــر آهــــن ڪنارا،
اَڄّ اڄ ڏاڍي لڳي آ
چڙ تـہ ڏرتيءَ تي اچن ٿا
آسمـانــن مـــان اشـــارا،
اَڄّ اڄ ڏاڍي لڳي آ
هــيءَ پـوئين پياس آهـــي
چنـــڊ، اچـا پيئان خـدارا
مَٽَّ مـــوڪي ڪول سارا
اَڄّ اڄ ڏاڍي لڳي آ
اَڄّ اڄ ڏاڍي لڳي آ

●

ڪونه پڇندس
ڪونه پڇندس.
تاڻجي تنهنجون رڳون وينديون ربابن جئن جڏهن
آءٌ وڃندس
آءٌ وڃندس.
باک توتي ڇانئبي ڳاڙهن شرابن جئن جڏهن
آءٌ رچندس
آءٌ رچندس.
زندگي هوندي هزارن آفتابن جئن جڏهن
آءٌ تنهنجي
ساٿ ڪيچندس!
ڪونه پڇندس
ڪونه پڇندس
آءٌ تنهنجي ساٿ هوندس!
آءٌ تنهنجي ساٿ هوندس!

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

●

آءٌ نه ٿو ورجائڻ چاهيان
جي ٿو مون ڪي ويڻ ڏنا هاـ
جيڻ ۽ مٺهر ڇپن تي منهنجي
لاٿي آهي،
هيءَ جا منهنجي ڇاتي آهي
تنهن ۾ ڪنهن به نه پنهنجي جهاتي
پاتي آهي!
اڄ به مون وٽ رات اڳي جئن
متوارڙي، مدماتي آهي،
ساڳي سُر ۾ آڄ به اڳ جئن
ڳاتي مون پرڀاتي آهي،
آڄ به اُن ۾ ڦيرو ناهي
مون جا ڳالهه به ڳاتي آهي،
ڪوبه نه چوندو ڪابه شڪايت
ان ۾ منهنجي ذاتي آهي.

تنهنجي آءٌ شڪايت ڪائي
ڪنهن سان ڪانه ڪئي آ پيارا!
رات وڃي ٿي، پويان تارا
نيري آڀ ۾ رم جهم ڪن ٿا
ٻاڪ اڇڻ جي ساک ڏين ٿا،
آءٌ اچان پيئان ٿو ساٿي!
جنهن وره تي جيئان ٿو ساٿي،

ويهي، اگر سا پيئڻ چاهين
مون سان جُڳُ جُڳُ جيئڻ چاهين!

آءٌ نه تو ورجائڻ چاهيان
جي تو مون کي ويڻ ڏنا ها. —

www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

●

تنهنجو تبسّم جنهن جي فقط آ
ڇاڻ آئيني کي
ڪائي شرارت ڪائي حرارت
آن ۾ تہ آهي!
ڏو جيءُ چاهي
تنهنجو سدائين
آن کي لڪائين،
جنهن وقت منهنجي ويجهو اچين ٿي
معصوم ڪيڏو مون کي لڳين ٿي،
پر شرم هوندي
تون گرم آهين؟
ٻاهر تہ ايڏو
تون نرم آهين
ڇڻ آنهہ ريشم آغوش ۾ تون؛
پر هيءَ ويندي توکي ڏسي مون
چالاڪ سوچيو
’تون جو ملين ٿي
’مون کي ڏسڻ سان
’اندر ڪِلين ٿي.‘

---

●

توِن امرتا آنهه منهنجي
آءٌ تو ۾ جيئندس،
توِن اِتي جڳ ۾ ڪٿي آن
تو ٻڌان پڙلاءُ تنهنجو،
(واهُ ۾ ڪوئي پکي چڻ
چپ تان اڏري رهيو آ،
ڪيرٽر ۾ جي رهيو آ،
آءٌ چشمو آهيان، جنهن مان آهو
ڪجهه پي رهيو آ)
آءٌ تنهنجي سگهه آهيان،
آءٌ تنهنجو ساهه آهيان،
اوچتو پرواز تنهنجو
ڪيرٽر تي چانئمو،
پر آهو پرواز هوندو
چڻ تہ منهنجو، آءٌ جيڪو
اڏرندس تنهنجي پرن ۾؛
توِن اچي ويو آنهه ساٿي
آءٌ تو ۾ جيئندس.

●

اَڄ بہ ڪيئي ناريون منهنجي
راھہ تڪينديون هونديون،
پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڇپر ۾ ڇپرڪي
دَرَ کوليندِيون هونديون،
'مست پَوَنَ جئن ايندو آهي'،
هو سوچينديون هونديون،
آءٌ انهن کان دور رهيو هان
ڪنهن نشي ۾ چور رهيو هان،
ساري رات پيالو پنهنجو
مون کي چنڊ پري آڇي ٿو:
ڀاڪر ڦٽيءَ جو ڀرڻ ڀرڻ پنهنجي
ڳائي منهنجو سُواڳت ڪن ٿا،
مون کي ڪيئي گيت ڏين ٿا،
گيت آهي جي مون کان پو ٻيي
هن ڌرتيءَ تي رهيا آهن،
هن ڌرتيءَ کان دور سفر تي
گڏجي دُور اَسهيا ناهن؛
گيت هِتي ئي رهيا آهن
منهنجي جيت اِنهن ۾ آهي.

---

ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
سنڌ ڪي مــــون آڇيو ايڏو سڪار
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪي صديون وهنــدو اهوئي آبشار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪو اُڃايو ڪونہ رهندو، ڪوبہ يار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو
ڪونہ پوندو.

---

سال ملهي ٿيا، پر اڄ تائين
تنهنجي صورت ساڳي آهي،
وقتَ تروتازه ڇهري کي
ڄڻ ته ڪنوارپ بخشي آهي.

مون وٽ ڪيئن ڪنول جئن آئينءَ؟
ڪيئي پوپٽ پنهنجا ها ڌوا!
برکا رُت تي مون تي ڇانئينءَ،
ڪيئي رڻ ۾ روليا ها تو!

منهنجي من ۾ ڏيئا ڏيئا
ڪيڏا سپنا تو ٻاريا ها!
پٿرِ پٿر پنهنجي تن ۾
ڪولهي مون کي ڏيکاريا ها!

ڪيئي سال ٿيا، مون توکي
اڄ سُو ڏٺو آهي رستي تيءَ
تون ته اڳي جئن. آهين پياري
ديدَ پٺي ڄڻ گلدستي تيءَ

مُور نه جو مُرجهايو آهي
جنهن ۾ روز گلاب ٽڙن ٿا؛
سان پاڻيان ٿو مون کان پو پيي
پوپٽ توتي روز مڙن ٿا.

●

روءِ تنهنجي جو گلاب
آهه سا ڳيوڙي اڃان.
جسم تنهنجو آهه سا ڳو جيئن نديءَ تي ماهتاب.
بوءِ سا ڳي آ پسيني ۾، ڇڪي ٿو جيئن شراب.
مان ٻڌان ٿو، جي وڄي ٿو روح تنهنجي جو رباب.
روز هر آغوش آهين پو به آهين جڻ تہ خواب!
روءِ تنهنجي جو گلاب
آهه سا ڳيوڙي اڃان.

---

●

واھوندا وَرندا
ايندا مَٽ ملير جا!
ڪيسين منھنجا ڏينھڙا سرديءَ ۾ سَڙندا؟
ڏيھي منھنجي ڏيھہ جا ڪيسين ھِئَن ڏَرندا!
ڦوڳَ ڪڏھن ڦَرندا آلا، ڦوڳَ ڪڏھن ڦَرندا؟

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جون لويون لالُ
جهانگي منهنجا جهنگ ۾،
لاهي نڪتا لوءِ ۾ جياپي جنجالُ.
ڳولي باڪ بسنت جي جن جي لاءِ ڳـلالُ.
او شل! اڄ اوچتو پلائي ڪو پالُ؟

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ايڏا ڏکڙ نہ ڏي
تو وٽ ڪو ڀَل، آهيان.
هڪ ويو، ٻيو ٿــو اچــي، ٻيو لوڪُ لَڏي،
پوئينءَ وير بہ آهہ تَنهن ساڳي هوڏَ هڏي!
آءٌ وڃان ٿـــو ديسڙا، تـو وٽ گيت ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

•

تون جي مون کي ڪونہ مڃيندين
مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي،
آءٌ سياڻي لاءِ لکان ٿو
جيڪو نيٺ تہ اچڻو آهي،
مون ٿي ميڙو مچڻو آهي.

مينهن جڏهن مانداڻ ڪندا، مان
ساري واري ياسہ تي وسندس،
ڪارونجهر جي ڪور مٿان مان
سانوڻ جي ڪڪرن سان ڳسندس.

(مان جو تنهنجو را ڳي آهيان
تنهنجو ٿي وڏ-ڀاڳي آهيان)

چڙهي ماڻهوءَ جو ڳوڙهو ڳوڙهو
منهنجين واڻين مان برسي ٿو،
ويڙهو ويڙهو لوڙهو لوڙهو
منهنجن گيتن سان ڳونجي ٿو.

منهنجا گيت گلابن وانگر،
جيڪي چوٽين منجهہ لڳائي
ڏٽ تان ناريون ايندئون آهن
پنهنجن پيارن لاءِ سجائي-
نيٺ تہ تنهنجو مَنُ ڀانئيندا،

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

چاندوڪين راتين ۾ مارُو
مون کي ٽَربَر ۾ ڳائيندا،
بسنت رُت ۾ منهنجون وايون
گلي گلي ۾ ڦهلائيندا.

وڄ وراڪا جيئن ڪاٽي ٿي
ائين مان تنهنجا ٽهڪ ٻه آهيان،
رُت ۾ جئن رابيل ٽڙن ٿا
تئن ڌرتيءَ جي مهڪ ٻه آهيان؛

ءُ هيءَ ڌرتي نيٺ ته مهڪي
ٿيندي ڪو گلزار سڀاڻي
آءٌ لکان ٿو
جنهن لئه هاڻي.

# ڦلنامو

| صحيح | غلط | سٽ | صفحو |
|---|---|---|---|
| ڳَپرَڻ | ڳَرڻ | ٧ | ١٩ |
| هُنَ | هَنَ | ٥ | ٢٢ |
| آڻِهُ | آڻهُ | ٨ ۽ ٩ | ٣٢ |
| ڙاويءَ | روايءَ | ١٣ | ٣٥ |
| ڇا، | ڀا | ١٧ | ٣٨ |
| تون | تو، | ١ ۽ ٢ | ٤٠ |
| ڀَسون | ڀِسون | ١١ | ٦٣ |
| ڀَرِيءِ | ڀَرِيءُ | ١٠ | ٦٤ |
| هڪِڙي | هِڪڙي | ١٦ | ٨٣ |
| ڀِربا | ڀَريا | ١٢ | ٨٤ |
| ها | هان | ٣ | ٩١ |
| ڄڃي | ڄي | ٦ | ٩١ |
| اِ | آ | ١٢ | ٩٥ |
| اَسُتَر | آسُتَر | ٤ | ١٠٦ |
| آروَشي | آرورشي | ٣ ۽ ١٧ | ١١٥ |
| آروَشي | آرورشي | ٤ ۽ ١٥ | ١١٦ |
| ڏيٺيءِ | ڏيٺي | ٤ | ١١٧ |
| ڪهڪشائن | ڪهڪشائن | ١٣ | ١٢٥ |
| رَسيءَ | رَتَل | ٢ | ١٤٢ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز

ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي (شاعري)

نيو فيلڊس (107)

## شيخ اياز جا
## نيو فيلڊس طرفان
## شايع ٿيل ڪتاب

١- چنڊ چنبيليءَ ول
٢- رڻ تي رم جهم
٣- ساهيوال جيل جي ڊائري
٤- ڪپر ٿو ڪن ڪري
٥- ڀڳت سنگهه کي ڦاسي
٦- ڪي جو ٻيجل ٻوليو
٧- خط، انٽرويو ۽ تقريرون
٨- لڙيو سج لڪن ۾
٩- راڄ گهاٽ تي چنڊ
١٠- ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چاالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پاڻي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)